Follow us on: daily pak karachi

ABC CERTIFIED

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

روزاني
پاڪ
ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد: 27 آچر 09 فيبروري 2025ع بمطابق 10 شعبان المعظم 1446هه قيمت 20 رپيا شمارو: 087

ڏکيا فيصلا ڪري ڇڏياسين پر اڳتي جو سفر به آسان ناهي: وزيراعظم

ملڪ کي امن ۽ پائيچاري جي ضرورت آهي، ملڪي تاريخ ۾ پهريون پيرو سياسي حڪومت ۽ ادارا گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن: شهباز شريف

پگهادار طبقي 300 ارب رپيا قومي ناڻي ۾ ڏنا، حڪومتي قدمن سبب مهانگائي گهٽ ترين سطح تي اچي وئي آهي

آءِ ايم ايف سان معاهدو ممڪن ٿيو ۽ ملڪ ڏيوالي کان بچي ويو. سندس چوڻ هو ته اڄ اسان ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهي چڪا آهيون

رات ڏينهن ڪم ڪري رهيا آهيون، مايوس ٿيڻ جي ضرورت ناهي، اسان محنت ڪنداسين ۽ ترقي ڪنداسين: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ملڪ کي پنهنجي پيرن تي ٻيهر بيهاري ڇڏيو ڏکيا فيصلا ڪري ڇڏياسين پر اڳتي جو سفر به آسان ناهي. اسلام آباد ۾ تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ملڪ کي امن ۽ پائيچاري جي ضرورت آهي، ملڪي تاريخ ۾ پهريون پيرو سياسي حڪومت ۽ ادارا گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن. هن چيو ته پگهادار طبقي 300 ارب /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

جسقم آريسر جو مارچ نيوسعيد آباد پهتو، درياهه تي قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين: اسلم خيرپوري

"مرسون مرسون ڪئنال ٺهڻ نه ڏيسون" ڌرتي کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪامياب ٿيڻ نه ڏبي، ڀرپور مزاحمت ڪبي

سنڌو درياهه سنڌ جو جياپو آهي، سنڌو جي بچاءُ لاءِ ٻچو ٻچو روڊ تي آهي، پاڻي تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏنو ويندو، آخري دم تائين جنگ جاري رهندي

پيادل قافلو اڄ رات رئيس رحيم گل رند جي ميزباني ۾ رات ترسڻ بعد صبح جو هالا ۽ ڀٽ شاهه لاءِ روانو ٿي ويندو

نيوسعيد آباد (رپورٽ محبوب علي ڪاڪا) سنڌو درياهه مان 6 ڪينال ڪڍڻ خلاف سکر کان پيادل نڪتل جسقم آريسر گروپ جو قافلو نيوسعيد آباد پهتو جتي سندن گلن سان آجيان ڪري سندن شاندار استقبال ڪيو ويو امداد /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

نيوسعيد آباد: سنڌ دشمن منصوبن خلاف جسقم آريسر جو نڪتل پيادل مارچ شهر ۾ داخل ٿي رهيو آهي

پشاور ۾ ٽڪ ٽاڪر سيما گل جو فليٽ مان لاش هٿ

عورت جو موت نشي آور شين سبب ٿيو آهي: شروعاتي جاچ رپورٽ

پشاور (م ڊ) هڪ مشهور ٽڪ ٽاڪر پنهنجي فليٽ مان مئل حالت ۾ هٿ آئي آهي، پوليس جو چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ موجب عورت جو موت نشي /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

پاڪستان عالمي مالياتي اداري جي وڏي شرط پوري ڪري ڇڏي

2900 ارب حدف جي مقابلي پرائمري سرپلس 3600 ارب روپين تائين پهچي ويو آهي: رپورٽ

چئني صوبن 750 ارب حدف جي مقابلي 776 ارب سرپلس بجيٽ ڏنو، صوبن 376 ارب روينيو حدف جي مقابلي ۾ 442 ارب ٽيڪس جمع ڪيو

6 مهينن ۾ ايف بي آر کي ٽيڪس روينيو ۾ 384 ارب شارٽ فال کي منهن ڏيڻو پيو: ناڻي واري وزارت

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان جاري مالي سال جي شروعاتي 6 /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

ادارن کي پنهنجي آئيني حدن ۾ رهي ڪم ڪرڻو پوندو: ترجمان جي يو آءِ

2018 کانپوءِ 2024 جي چونڊن ۾ ڌانڌلي جا رڪارڊ ٽوڙيا ويا: اسلم غوري

شفاف اليڪشن کان سواءِ ملڪ اڳتي نه وڌي سگهندو: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام چيو آهي ته عوامي /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آچر بچت بازار ۾ ٻي سي جي مداخلت خلاف درخواست تي ٻڌڻي، اسٽي آرڊر جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عدنان چوڌري جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

ڪارساز سانحي تي اسٽي بابت ٻڌڻي 27 فيبروري تائين ملتوي

ڪراچي (رپورٽر) جوڊيشنل مئجسٽريٽ اوڀر جي عدالت ڪارساز حادثي ڪيس ۾ جوابدار نتاشا خلاف اسٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

اتر وزيرستان ۾ فورسز جو آپريشن، ٽي خوارج مارجي ويا

فورسز اتر وزيرستان جي علائقي دته خيل ۾ ڳجهي اطلاع تي آپريشن ڪيو: آءِ ايس پي آر

مارجي ويل خوارج دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ آيو آهي

پشاور (م ڊ) اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

سنڌ حڪومت ڏينهن جي وقت ۾ ڊمپرز جي ڪراچي ۾ داخلا تي پابندي مڙهي ڇڏي

چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ ٽينڊر ٽريفڪ حادثن بابت هنگامي اجلاس

ڊمپرز کي صرف رات 11 وڳي کان صبح 6 وڳي تائين شهر ۾ اچڻ جي اجازت هوندي، لاپرواهي سان ڊرائيونگ ڪندڙن خلاف چالان ۽ ايف آئي آر ڪٽڻ جو به فيصلو

اجلاس ۾ هلندڙ سيني وڏين گاڏين ۽ انهن جي ڊرائيورن جي جسماني تصديق ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) اهڙو فيصلو وزيراعليٰ سنڌ جي هدايت تي جنهن بعد چيف سيڪريٽري /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

ايس ايس پي حيدرآباد موڪل تي روانو، وڪيلن ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو

ڌرڻي جي ختم ٿيڻ بعد ٽريفڪ جي روانگي بحال ٿي وئي، مسافر منزل ڏانهن روانا

ايس ايس پي جي بدلي ڪانپوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ڪراچي هڙتال جو سڏ واپس وٺي ڇڏيو

بار پاران هڙتال جو سڏ واپس وٺڻ ڪانپوءِ عدالتي وهنوار معمول موجب هلڻ جو امڪان

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ايس ايس پي حيدرآباد فرخ لنجار کي موڪل تي روانو ڪري ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ وڪيلن پنهنجو احتجاجي ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو حيدرآباد باءِ پاس تي لڳل احتجاج ٽئين /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

پي ٽي آءِ باني ڪا ڊيل نه ڪئي آهي نه ئي ڪندو: بيرسٽر گوهر

عمران خان قانوني طريقي سان عدالتن مان رليف حاصل ڪندو

رليف جي حوالي سان آمريڪا سميت اسان ڪنهن ملڪ جا طلبگار ناهيون

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان ڪا ڊيل ڪئي نه ئي ڪندو. هڪ بيان ۾ بيرسٽر گوهر /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

2024 جي اليڪشن ۾ پ پ پريزائيڊنگ آفيسر خريد ڪيا هئا: اياز لطيف

8 فيبروري 2024 تي ٽينڊر عام چونڊن ۾ سادي مس استعمال ڪئي وئي

جيڪڏهن عام چونڊون صاف ۽ شفاف ٿين ها زرداري ليگ کي ڀڄاڙو اچي وڃي ها

جن کي عوام ووٽ ڏنو هاڻ سنڌ ٻيٺ، زمينون ۽ وسيلا پيا ڪپائين: ڪيو اي ٽي سربراهه

حيدرآباد (بيورو) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته 8 فيبروري 2024 تي جعلي اليڪشن ڪرائي زرداري کي سنڌ تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

پي ٽي آءِ جو ملڪگير احتجاج، شاهه محمود قريشي جي ڌيءُ مهر بانو گرفتار

پنجاب ۾ قلم 144 لاڳو هئڻ باوجود پي ٽي آءِ ڪارڪنن طرفان مختلف علائقن ۾ احتجاج ڪيو ويو

پوليس پي ٽي آءِ اڳواڻ مهر بانو قريشي، اڳوڻي ايم اين اي زاهد بهار هاشمي ۽ دلير مهار کي گرفتار ڪري ورتو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان 8 فيبروري 2025 تي عام چونڊن کي هڪ سال /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف جي ڊي اي جي سڏ تي سڄي سنڌ ۾ مظاهرا ۽ ريليون

ملير، حيدرآباد، سانگهڙ، بلڙي شاهه ڪريم، شاهپور چاڪر، لاڙڪاڻو، خيرپور ناٿن شاهه، نوشهروفيروز، ڦرياسٽي، مٽياري ۽ سينارجا ۾ مظاهرا ڪيا ويا

شڪارپور ڪنڌڪوٽ، ڪوٽڙي، شهدادپور ۽ ٻين شهرن ۾ به گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن مظاهرا ڪيا ۽ ريليون ڪڍيون

8 فيبروري ملڪ جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن هو، فارم 45 ۽ 47 جي ذريعي رڪارڊ ڌانڌلي ڪري جعلي حڪومت ناهي وئي: ڊاڪٽر صفدر سرڪي

ڪراچي (نمائندن وٽان) 8 فيبروري 2024ع جي عام چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي سڏ تي سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا ملير مان روزاني پاڪ جي عيوض موجب مرڪزي سڏ تي فنڪشنل /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

شهدادپور، نوشهروفيروز، ملير، مٽياري، سانگهڙ، سينارجه، شاهپور چاڪر، ڦرياسٽي، ڪي اين شاهه، لاڙڪاڻو ۽ ٻين شهرن ۾ جي ڊي اي جي سڏ تي عام چونڊن ۾ ڌانڌلين خلاف مظاهرا ڪيا پيا وڃن

سنڌ جي ثقافت واري وزير ذوالفقار شاهه ٿر ڊيزرٽ سفاري ٽرين جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ڪراچي جي ريلوي اسٽيشن ڪينٽ تي صوبائي وزير ۽ ريلوي اختيارين ٿر ڊيزرٽ سفاري ٽرين جو افتتاح ڪيو

ٿر ڊيزرٽ سفارتي ٽرين ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص کان ٿيندي ٿرپارڪر پهچي وئي

ٿرپارڪر ۾ ٻن ڏينهن جي قيام دوران مسافرن کي مختلف سرگرميون ڏيکاريون وينديون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽ) سنڌ ثقافت کاتي پاران ڪراچي کان هلندڙ ٿر ڊيزرٽ سفارتي ٽرين حيدرآباد پهچي وئي آهي. ريلوي اسٽيشن تي ريلوي اختيارين ۽ ثقافت کاتي جي عملدارن پاران ٽرين جو استقبال ڪيو ويو، ريلوي /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

ڪراچي: صوبائي وزير ثقافت ٿر ڊيزرٽ ٽرين جو افتتاح ڪندي، ٻي پاسي اسٽيشن تي بيٺل نظر اچي رهي آهي

اوقاف کاتي جي صوبائي سيڪريٽري پاران درگاهه سعدي موسائي جو دورو، مزار تي چادر چاڙهي

ڪامورو اڳيان زائرين ۽ دڪاندارن شڪايتن جا ڍير لڳائي ڇڏيا، درگاهه جو مينيجر رڪارڊ سميت طلب

صوبائي سيڪريٽري جاويد صبغت الله جي اوچتي پهچڻ تي ملازمن ۾ ٽرٿلو، زائرين ۽ مقامي ماڻهن سان مليو

صوبائي سيڪريٽري مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري، مسئلن جي حوالي سان درگاهه جو مينيجر ڪراچي طلب

نئون ڳوٺ (رپورٽ خورشيد لاڪير) سنڌ جي اوقاف، مذهبي معاملن، عشر زڪوات واري صوبائي سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر جو درگاهه مخدوم /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

نئون ڳوٺ: اوقاف کاتي جو سيڪريٽري صبغت الله مهر درگاهه سعدي موسائي جو دورو ڪندي

تعليمي ادارن ۾ راندين جا مقابلا ساراهه جوڳو عمل آهي: سعيد غني

عائشه اڪيڊمي ۾ اچي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي: صوبائي وزير

اسپورٽس گالا ڪرائڻ تي انتظاميا کي مبارڪون ڏيان ٿو: خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سعيد غني چيو آهي ته تعليمي ادارن ۾ غير نصابي سرگرميون خاص ڪري رانديون /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

ڪنڌڪوٽ ۾ ڳوٺاڻو يرغمال، 40 هزار ڪيش ۽ موبائيل ڦر، مزاحمت تي زخمي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد سبزوئي لاڙو ويجهو هٿيارٻندن گل بهار ڏاهاڻي کي هٿيارن /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

ايس ايس پي سکر پاران ڪچي جو دورو، پوليس پڪٽن جو جائزو، بريفنگ

اظهر خان مغل رات جي وقت ڪچي جي علائقي جو دورو ڪرڻ جي لاءِ پهتو

ڌاڙيلن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي: ايس ايس پي

سکر (رپورٽ: شڪيل عاجز) ايس ايس پي سکر اظهر خان /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

ڪنڌڪوٽ ۽ ڪشمور پوليس جو آپريشن، ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن کي باهه، هڪ ڌاڙيل مارڻ جي دعويٰ

مختلف ٿاڻن جو پوليس بڪتربند گاڏين ۽ ڊرون ڪئميرا جي مدد سان ڪوڪاري ننڊواڻي گينگ خلاف آپريشن

پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ، هڪ ڌاڙيل مارجي ويو، الهيار ننڊواڻي ساٿي سميت زخمي ٿيو آهي: پوليس

شهيدن جون قربانيون رائيگان نه وينديون، اسان کي پنهنجي بهادر جوانن تي فخر آهي: ايس ايس پي زبير نظير شيخ

ڪنڌڪوٽ / غوثپور نمائندن وٽان) ڪنڌڪوٽ ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس جمال واري علائقي ۾ شهيد پوليس اهلڪار مظفر علي مشوري کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ ٽارگيٽيڊ آپريشن، /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

ڪنڌڪوٽ: پوليس مختلف علائقن ۾ ڪوڪاري ننڊواڻي گينگ خلاف آپريشن ڪندي، اهلڪار مورچا ناهي ويٺل آهن

راٽيپور ۾ پوليو ڦڙا پيارڻ سبب ٻار جي حالت خراب، ڊي سي نوٽيس ورتو، ٽيم پهتي

بس اسٽينڊ واسي صحافي جي پٽ پوليو قطرا پيتا ته صحت گهٽجي خراب ٿي وئي

پوليو ٽيم صحافي جي گهر پهتي، معائنو، ڦڙا پيارڻ سبب ٻار کي بخار نڪتو: ڊاڪٽر

راٽيپور (رپورٽر) راٽي پور جي پراڻو بس اسٽينڊ جو رهواسي صحافي اسرار عمراڻي جي 3 سالہ پٽ جاني عرف جواد /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

ڪراچي ۾ ٻارن کي پوليو ڦڙا نه پياريندڙ 4 ڄڻا گرفتار

واقعي جو ڪيس داخل، گرفتار ٿيلن ۾ 3 پائر به شامل آهن

گلشن اقبال ۾ پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئارڻ کان انڪار تي جهيڙو ٿيو هو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ٻارن کي پوليو جا ڦڙا نه پيئارڻ تي 4 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس موجب گلشن اقبال ۾ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا نه پيئارڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

گرفتار ٿيل اڳوڻي ايس ايڇ او رستم تي اغوا جو ٻيو ڪيس داخل

مقتول صدام حسين جي وارثن قربان ڪڪراڻي تي ڪيس داخل ڪرايو

هڪ ڏينهن اڳ ايس ايس پي اڳواڻي ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او کي پڪڙيو ويو هو

شڪارپور (رپورٽ امتياز علي مري) اڳوڻو ايس ايڇ او /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ نينگر سان مبينا بدفعلي، اسپتال داخل

پوليس متاثر نينگر محمد علي ميربحر کي ليٽر ڏئي اسپتال اماڻيو

پٽ کي مدرسي ۾ پيش امام مائٽ بدفعلي جو نشانو بڻايو: محمد پيارل ميربحر

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي شاهه ٻهارو ڪالوني جي مدرسي ۾ مبينا طور 10 ورهين جي نينگر محمد علي پٽ محمد پيارل ميربحر /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

ڪوٽڙي ڪبير : سيد ابرار علي شاهه روڊ منصوبي جو افتتاح ڪري رهيو آهي

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺاڻن پاران نينگري جي بازيابي لاءِ مظاهرو

روبينه کي 3 هفتا اڳ هٿيارٻندن اغوا ڪيو هو: محمد بخش مري

ڪيس داخل ٿيڻ جي باوجود پوليس ڪجهه ناهي ڪيو: ڳوٺ صيفل مري واسي

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز جي ڳوٺ صيفل مري جي رهواسي ڳوٺاڻن پاران نينگري جي بازيابي جي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ڪراچي ۾ ڊمپر موٽرسائيڪل سوارن تي چڙهي ويو، ٽي ڄڻا چيپاٽجي فوت

حادثو ڪورنگي ڪراسنگ وٽ پيش آيو، مڙيل ماڻهن ڊمپر کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

اطلاع تي حد جي پوليس پهچي فوتين جا مڙهه قبضي ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ۾ ڊمپرز خوف جي نشاني بڻجي ويا، ڪورنگي ابراهيم حيدري کان ڪراسنگ ڪندڙ تيز رفتار ڊمپر موٽر سائيڪل /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

شاهه گودڙيو پوليس بدامني تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام، ٻورهيت کان ڦر

6 هٿيارٻندن لوڊر رڪشا هلائيندڙ سجاد چنو کان 14 هزار ۽ موبائيل ڦري ڪئي

بدامني جا واقعا معمول، حد جي پوليس غائب، ايس ايس پي کي نوٽيس جي اپيل

فريدآباد (رپورٽر سڪندر علي بروهي) شاهه گودڙيو روڊ سلوپ ڪان ڦر جي واردات . شاهه گودڙيو پوليس ڪڪ پيچي پيٽو نه ڪيو. شاهه گودڙي /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

سنڌ دشمن منصوبن خلاف ايس ٽي پي جي جاڳرتا مهم جاري، قافلي جي چمبڙ ۽ ٽنڊوالهيار ۾ شاندار آجيان

سنڌ کي تباهه ڪرڻ لاءِ درياهه تي قبضو ڪري ڪئنال ٺاهيا پيا وڃن: قادر مگسي

جيڪڏهن ڪئنال ٺاهيا ويا ته سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جي بدران واري اڏامندي: ايس ٽي پي چيئرمين

سنڌ جا ماڻهو سنڌ دشمن فيصلن کي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا: مختلف هنڌن تي خطاب

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) سنڌو درياءَ تي ڪئنال ٺاهڻ واري منصوبي خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي جي جاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

ٽنڊوالهيار: ايس ٽي پي سربراهه قادر مگسي جاڳرتا مهم دوران جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ايم اين اي پاران محرابپور ۽ خانواهڻ جي پنهي روڊن جو نئين سر اڏاوت جو افتتاح

ڪوشش آهي تڪ ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ٿين، روڊ جي ناقص ڪم جي جاچ ڪرائيندس: ابرار شاهه

اسان وڏڙن جي نقش قدم تي هلندي عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽائينداسين: ايم اين اي

ٽن مهينن ۾ ٽي روڊ اکڙي ويو، غلط ڪم جي مذمت ڪيان ٿو، ٺيڪيدار مطابق ڪم ٿيڻ گهرجي ها: خطاب

ڪوٽڙي محمد ڪبير (رپورٽر) ايم اين اي سيد ابرار علي شاهه ڪوٽڙي محمد ڪبير کان محرابپور ۽ خانواهڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

دادو پرسان هفتو اڳ ڳوٺ پريل زئورن ۾ سيپڪو جي آپريشن دوران گاڏي جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل عورت ڪراچي جي اسپتال ۾ فوت

"قتل ڪيس داخل ڪيو" دادو لڳ ڳوٺاڻن جو لاش رکي ڌرڻو

انڊس هاءِ وي تي ڌرڻي سبب ٽريفڪ جي روانگي معطل ٿي وئي، ايس ايڇ او بي سيڪشن احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪيون

ڪيس داخل ڪرڻ جي خاطري ڪانپوءِ ڌرڻو ختم ڪيو ويو، آخري اطلاع تائين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

دادو(ڊ ر) دادو پرسان ڳوٺ پريل زئونر ۾ سيپڪو پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

ڪنڌڪوٽ واسي يرغمال، قيمتي سامان ڦر، واقعي خلاف احتجاج

شڪارپور (رپورٽ امتياز علي مري) خانپور رستم ٿاڻي جي حد فيضو رستم لنڪ روڊ صفدر پوليس /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

شرجيل ميمڻ جي هدايتن تي روڊ سيفٽي ڪميٽي جون ڪارروايون جاري

20 گاڏيون چالان، 4 کي تحويل ۾ ورتو ويو، هڪ لک ڪان مٿي ڏنڊ

ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ نه ڏينداسين: سينيئر صوبائي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

دڙو ۾ بدامني جي آزار ۽ ڏاري آبادڪاري خلاف اي پي سي، احتجاجي مظاهرو

پ پ، ڪيو اي ٽي، ايس ٽي پي، جسقم، ٽي ايل پي، ساس ۽ ٻين ڌرين جي اي پي سي ۾ شرڪت

دڙي ۽ ٻنون جي ڪچي ۾ ڌاڙيلن ديرا ڄمائي ورتا آهن، جنهن سبب بدامني وڌي وئي آهي: اڳواڻ

ڌاڙيلن ڪچي جون زمينون آباد ڪري مقامي ماڻهن جي داخلا تي بندش لڳائي ڇڏي آهي: رشيد آزاد

دڙو (رپورٽ: زاهد سومرو) دڙو ۾ بدامني ۽ ڪچي جي ٻيلن ۾ ٻين ضلعن کان آيل ڌارين ماڻهن جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

دڙو: شهر جون مختلف ڌرين بدامني ۽ ڌاري آبادڪاري خلاف احتجاج ڪندي

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

آچر 09 فيبروري 2025ع بمطابق 10 شعبان المعظم 1446هه

EDITORIAL

عام چونڊن کي سال مڪمل ۽ احتجاج..

8 فيبروري 2024ع جي عام چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي سڏ تي سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. مليرمان روزاني پاڪ جي عيوض موجب مرڪزي جي سڏ تي فنڪشنل ليگ ضلعي مليرجي صدر نعيم فيروز، حسن رضا شاهه، ايڊووڪيٽ شهباز احمد، غلام قادر لغاري، نعيم آرائين، راڻا سهيل جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو حيدرآباد مان بيورو رپورٽر مطابق پاڪستان تحريڪ انصاف پاران 8فيبروري جي ٿيل عام چونڊن کي جعلي اليڪشن قرار ڏئي علاميه يوم سياهه جي سلسلي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون مختلف بلدياتي نمائندن اسامه فيصل،ايڊووڪيٽ اسلم لغاري،افروز شورو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. سانگهڙ مان آفتاب مري موجب جي ڊي اي جي سربراهه پير پاڳاري جي حڪم تي 8 فبروري سڄي ملڪ جيان سانگهڙ ۾ به ڪارو ڏينهن ملهايو ويو جي ڊي اي جي سڏ تي نيشنل پريس ڪلب سانگهڙ آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جي ڊي اي پاران عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج رڪارڊ ڪيو ويو بلڙي شاهه ڪريم مان عيوضي علي ڏنو رند موجب بلڙي شاهه ڪريم ۾ پي ٽي آئي جي سڏ تي گذريل عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي ۽ ان جي نتيجي ۾ ٺهيل سرڪار خلاف اڄ 8 فيبروري تي ڪارو ڏينهن ملهايو. شاهپورچاڪر مان رپورٽر مطابق تحريڪ انصاف مرڪزي جي سڏ تي 2024 جي عام چونڊن ۾ ٿيل مبينه ڌانڌلين خلاف سوين ڪارڪنن شاهد سومرو، عزيز غوري، ڪرشن ڪمار، فوٽو خان شرجي اڳواڻي ۾ مين ناڪي کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي نوشهرو فيروز مان ضلعي رپورٽر موجب جي ڊي اي جي مرڪزي سڏ تي نوشهرو فيروز ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلع نوشهرو فيروز پاران لغاري هائوس کان پريس ڪلب نوشهرو فيروز تائين احتجاج ريلي ڪڍي وئي احتجاج جي اڳواڻي فقير امام بخش، فقير شاهه محمد لغاري، ڪاشف لغاري، طالب حسين ڏاهري، غلام مصطفي ٻهڻ، ڪريم بخش، اسلم حب، محمد معظم، فقير محمد معروف، مولوي محمد اسمائيل ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا، مٺيائي، سينارجا ۾ پڻ ڪارڪنن احتجاج رڪارڊ ڪرايو. خيرپور ناٿن شاهه مان عيوضي قربان علي ٻگهيو موجب جي ڊي اي جي مرڪزي سڏ تي ملڪ ۾ 8فيبروري کي ڪارو ڏينهن طور ملهايو ويو8 فيبروري 2024تي ٿيل جنرل اليڪشن ۾ بدترين ڌانڌلين ۽ 1973 جي آئين ۾ ڪيل 26 ترميم سنڌو درياهه مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ فارم جي پيداوار نااهل وفاقي توڙي صوبائي حڪمرانن خلاف ڪميونٽي سينٽر کان خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب تائين هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي جي ڊي اي اڳواڻن وڪيل شعبان ملاح ,عابد لاکير،عابد ٻيهر ,فقير محمد شيخ , ڪوڙل لاکير،قربان علي قريشي ,قومي عوامي تحريڪ ضلعه دادو جو جنرل سيڪريٽري سومر چانڊيو،ايس يو پي ضلعه دادو جو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري نثار لاکير، تعلقه صدر غلام محمد گاڏهي رشيد سوڍر ايس ٽي پي اڳواڻ فقير علي حسن جانوري ,ساس جي بخت برڙو جي اڳواڻي ۾ ريلي سوين ماڻهن پاران مظاهرو ڪيو ويو ڪنڊڪوٽ مان عيوضي موجب جماعت اسلامي سنڌ پاران ڪراچي کان ڪشمور تائين احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. صوبائي ترجمان مجاهد چنا پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب ان سلسلي ۾ ڪراچي، حيدرآباد، جيڪب آباد، دادو، ڪنڊڪوٽ، ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٻين سميت مختلف شهرن ۾ پريس ڪلب ۽ اليڪشن ڪميشن آفيسن سامهون مظاهرا ۽ ريليون ڪڍيون ويون شڪارپور مان رپورٽر امتياز علي مري موجب جي ڊي اي جي سڏ تي سنڌو درياهه مان تڪراري ڪئنال ڪڍڻ, پيڪا ايڪٽ پاس ڪرڻ ۽ عام چونڊن ۾ بدترين ڌانڌلي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو, مطالبن جي حق ۾ ڇتي نعري بازي، جي ڊي اي جي سڏ تي 8 فيبروري کي ڪاري ڏينهن طور ملهايو ويو. احتجاجي مظاهرن ۽ ريلين کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته عام چونڊن جي نتيجن کي اسان ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون جي ڊي اي جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته فارم 47جي ذريعي حڪومت ناهي وئي آهي ۽ اسان ان کي رد ڪريو ٿا احتجاجي ڌرڻي کي خطاب ڪندي سائرا بانو چيو آهي ته سنڌ جي حقن تي ڌاڙو هنيو ويو آهي سنڌو درياهه مان 6ڪنال ڪڍيا پيا وڃن سنڌ جو پاڻي وڪڻي ڇڏيو آهي سنڌ جي عوام جو گذر سفر زراعت تي آهي سنڌو درياهه مان ڪنال ڪڍيا ويا ته پوءِ سنڌ جو زراعت تباهه ٿي ويندو. اڳ ۾ ئي سنڌ ۾ وڏي غربت آهي سنڌ جو غريب عوام پريشان آهن ۽ اسان ڪنهن به صورت ۾ سنڌو درياهه مان ڪنال ڪڍڻ نه ڏينداسين احتجاجي ڌرڻي کي خطاب ڪندي سائرا بانو چيو ته هاڻي وري 26 ترميم وارو بل منظور ڪرايو ويو ته جيئن هو پنهنجي مرضيءَ وارو جج آندا وڃين ته جيئن هو پنهنجي مرضيءَ جا فيصلا ورتا وڃن. ۽ پيڪا ايڪٽ جي مذمت ٿا ڪريون هي صحافين جي آواز کي دٻائڻ ٿا عام چونڊن ۾ ملڪ جي عوام جو مينڊيٽ چوري ڪري جي ڊي اي اميدوارن کي زبردست هارائي زبردستي مينڊينٽ چوري ڪندڙن 26 هين ترميم ۾ به جعلسازي ڪئي جنهن سان ملڪ ۾ آئيني بحران پيدا ٿيو آهي.

صدر جو چين جو دورو ۽ سنڌ جون گهرجون

رحمت الله ٻرڙو

تازو هڪ خبر آئي آهي ته پاڪستان جو صدر آصف علي زرداري ڇئن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي چين پهچي ويو آهي،جتي تجارتي ۽ اقتصادي بنيادن تي پڻ ڳالهيون ٿينديون.انهيءَ حوالي سان سنڌ جو وڏووزير مراد علي شاهه به پنهنجي صوبائي وزير توانائيءَ وارو وزير ناصر شاهه،ٽرانسپورٽ وارو وزير شرجيل انعام ميمڻ سميت چين جي دوري تي ويا آهن.ان سلسلي ۾ خبرايا آئي آهي ته سنڌ جو وزيراعلي مراد علي شاهه چين جي مختلف وفدن سان ملاقاتون ڪندو ۽ سنڌ ۾ پرڏيهي سيڙپڪاريءَ ڪجهه تجارتي ۽ صنعتي وفدن سان ملاقاتن سميت معاهدا ڪرڻ جو امڪان آهي. جنهن ۾ زراعت،توانائي،ٽرانسپورٽ،انفراسٽرڪچر سميت ٽيڪنالوجي تي به خيالن جي مٽاسٽا ٿيندي بنيادي نقطو اهو آهي ته سنڌ پاڪستان جواهو واحد صوبو آهي جيڪو ٻين صوبن جي پيٽ ۾ وڏي اهميت،توجهه جو گهرجائو آهي.

سوال پيدا ٿئي ٿو ته اهو ڪيئن؟سو پڻ ملين ڊالرز جوئي نه پر بلين ٽريلين ڊالرز جو سوال آهي ته سنڌ جي ترقي جنهن توجهه جي گهرجائو آهي.سنڌ بنيادي طور تي جتي زراعت بيسڊ صوبو آهي جنهن کي سمنڊ جهڙي نعمت سميت قدرتي معدني اڻ کٽ وسيلا آهن. درياهه ٻهاڙ،ٿر،بيابان،زرخيز زمينون،ڍنڍون ڍورا ۽ مال مويشيءَ جهڙيون نعمتون آهن.انهن جو استعمال،انهن جي سنڀال،انهن جي مالڪي سان گڏ جديد گهرجائن مطابق ڏيهي ۽ پرڏيهي سيڙپ ڪاري ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.جنهن ڪجهههيٺ ڏنل ڳالهيون گوش گذار ڪجن ٿيون.

سنڌ جي ترقي جي صلاحيت:زراعت، توانائي، ٽرانسپورٽ، انفراسٽرڪچر ۽ ٽيڪنالاجي ۾ موقعن کي ڳولهڻ ڪجهه پاڪستان جو ٻيو نمبر وڏو صوبو سنڌ،معاشي ترقي ۽ ٻين شعبن ۾ ترقي ڪجهه بيشمار صلاحيت رکي ٿو پنهنجي امير قدرتي وسيلن،اسٽريٽجڪ مقام، ۽ متنوع معيشت سان. سنڌ سيڙپڪاري ۽ جدت جو مرڪز بڻجي سگهي ٿو.هن مضمون ۾، اسان صلاح ۽ تجويزون فراهم ڪنداسين ته ڪيئن زراعت، توانائي، ٽرانسپورٽ، انفراسٽرڪچر، ۽ ٽيڪنالاجي ۾ موقعا ڪوليا وڃن.انهي سان گڏ پرڏيهي سيڙپڪاري کي راغب ڪيو وڃي.جنهن ۾ هيٺيان شعبا توجهه گهرن ٿا.نمبر پهريون زراعت.فصلن جي تنوع. هارين کي هڪ فصل تي انحصار گهٽائڻ ۽ موسمياتي تبديلي جي لچڪ وڌائڻ ڪجهه پنهنجن فصلن کي متنوع بڻائڻ جي حوصلا افزائي ڪريو.

آبپاشي نظام جي جديديت:
پاڻي جي ضايع ٿيڻ کي گهٽائڻ ۽ ڪارڪردگي وڌائڻ ڪجهه آبپاشي نظام کي اپ گريڊ ڪريو.زرعي تحقيق ۽ ترقي:نئين فصلن جي قسمن کي ترقي ڪرڻ، زراعت جي طريقن کي بهتر بڻائڻ، پيداوار کي وڌائڻ ڪجهه تحقيقي ادارا قائم ڪريو.

فارم کان مارڪيٽ انفراسٽرڪچر: هارين کي مارڪيٽن سان ڳنڍڻ ڪجهه انفراسٽرڪچر تيار ڪريو،ٽرانسپورٽ جي قيمتن کي گهٽايو ۽ مارڪيٽن تائين رسائي وڌايو.

توانائي قابل تجديد توانائي: قابل تجديد توانائي جي ذريعن، جهڙوڪ شمسي ۽ هوائي توانائي ۾ سيڙپڪاري ڪريو. فوسل ايندهن تي انحصار گهٽائڻ ۽ موسمياتي تبديلي کي گهٽائڻ ڪجهه.

توانائي جي ڪارڪردگي: توانائي جي استعمال ۽ فضول کي گهٽائڻ ڪجهه توانائي جي موثر طريقن ۽ ٽيڪنالاجي کي هٿي ڏيو.

گرڊ جديد بڻائڻ: اعتبار، ڪارڪردگي ۽ رابطي کي بهتر بڻائڻ ڪجهه توانائي گرڊ کي اپ گريڊ ڪريو.

نجي شعبي جي سيڙپڪاري،توانائي جي شعبي ۾ نجي شعبي جي سيڙپڪاري کي حوصلا افزائي ڪريو ته جيئن صلاحيت وڌائي سگهجي ۽ خلمتون بهتر ٿي سگهن.

ٽرانسپورٽ.روڊ نيٽ ورڪ جي ترقي: ڳوٺائن ۽ شهري علائقن کي ڳنڍڻ ڪجهه هڪ جامع روڊ نيٽ ورڪ تيار ڪريو ۽ برقرار رکو.

عوامي ٽرانسپورٽ سسٽم: رش ۽ آلودگي کي گهٽائڻ ڪجهه هڪ موثر عوامي ٽرانسپورٽ سسٽم قائم ڪريو.

ريلوي نيٽ ورڪ اپ گريڊ. ڪنيڪٽوٽي کي بهتر بڻائڻ ۽ ٽرانسپورٽ جي خرچن کي گهٽائڻ ڪجهه ريلوي نيٽ ورڪ کي اپ گريڊ ڪريو.

بندرگاهن جي ترقي، واپار ۽ واپار کي وڌائڻ ڪجهه بندرگاهن کي ترقي ۽ جديد بڻايو.

انفراسٽرڪچر. شهري منصوبابندي،ترقي ۽ ترقي کي منظم ڪرڻ ڪجهه جامع شهري منصوبابندي جي حڪمت عملين کي ترقي ۽ لاڳو ڪريو.

رهائش ۽ تعميس،گهرن جي کوٽ کي حل ڪرڻ ڪجهه سستي رهائش ۽ تعميراتي منصوبن کي حوصلا افزائي ڪريو.

پاڻي ۽ صفائي،عوامي صحت کي بهتر بڻائڻ ڪجهه موثر پاڻي ۽ صفائي سسٽم کي ترقي ۽ برقرار رکو.

آفت جو انتظام: قدرتي آفتن جي اثر کي گهٽائڻ ڪجهه موثر آفت جي انتظام جا نظام قائم ڪريو.

ٽيڪنالاجي،آءِ ٽي انفراسٽرڪچر ڊولپمينٽ اي_گورنمينٽ، اي_ڪامرس، ۽ جدت کي سپورٽ ڪرڻ ڪجهه آئي ٽي انفراسٽرڪچر کي ترقي ۽ اپ گريڊ ڪريو.

ڊجيٽل خواندگي،صلاحيتن ۽ علم کي وڌائڻ ڪجهه ڊجيٽل خواندگي پروگرامن کي هٿي ڏيو.

اسٽارٽ اپ ايڪو سسٽم ڊولپمينٽ: جدت ۽ ڪاروباري کي هٿي ڏيڻ ڪجهه هڪ متحرڪ اسٽارٽ اپ ايڪو سسٽم قائم ڪريو.

سائبر سيڪيورٽي،ڊيٽا جي حفاظت ۽ سائبر خطرن کي روڪڻ ڪجهه اثرائتي سائبر سيڪيورٽي قدمن کي ترقي ۽ لاڳو ڪريو.

پرڏيهي سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ،سيڙپڪاري دوست پاليسيون: پرڏيهي سيڙپڪارن کي راغب ڪرڻ ڪجهه سيڙپڪاري دوست پاليسيون ترقي ۽ لاڳو ڪريو.

قدرتي آفتون ۽ موسمياتي ايمرجنسيون...

رياض ابڙو

ملڪ جي موسمياتي ايمرجنسي هڪ خوفناڪ فلم وانگون پئي ٿي هلي جتي هر منظر پهرين کان وڌيڪ خوفناڪ ٿيندو ٿو وڃي، ڇو ته اسان آبهوا جي هڪ آفت مان نڪري وري ٻئي ڪنهن آفت ڏٺل مصيبت ڏانهن مسلسل وڌي رهيا آهيون. جن آفتن ۾ رڳو معاشي ۽ سماجي حساب ڪتاب سان پوئتي موٽڻ ٿي هوندو آهي، جنهن جا اثر سڌا سنوان اسان جي معاشيات تي پون ٿا. جنهن سان بيروزگاري، بدحالي، بيماري، معاشرتي برائين ۽ تعليم جي شرح ۾ پڻ لاڳيتي گهٽتائي اچي رهي آهي. ان ڪري ته انهن آفتن جي اچڻ سان گهٽي ۾ گهڻو نقصان انهن زرعي ۽ صنعتي سيڪٽرن تي پئي ٿو جن تي اسان جا عام ماڻهو گهڻو متاثر ٿين ٿا. ان ڪري ته اسان جهڙا ملڪ (ٿرڊ ورلڊ ڪنٽريز) هڪ مصيبت مان نڪري بس ٿا ڪن ته ٻي آفت مٿان اچي ٿا بيهن. جيئن بارشن مان نڪرن ٿا ته زلزلا، وري طوفانن مان نڪري بس ٿا ڪن ته ڪا نه ڪا پينڊيمڪ منهن ڪڍيون بيٺي هوندي آهي. گهٽين بارشن جي ڪري بيمارين ۽ گهٽ بارشن جي ڪري سوڪهڙو. ان ڪري حڪومت (پي ڊي ايم) رڳو ڪاغذن جي ڪاروائي ۾ پوري لڳي پئي هوندي آهي. جيئن پوليس هيلپ لائين 15 رڳو انهن علائقن جي لاءِ مفيد آهي، جيڪي اربن ايرياز هوندا آهن. باقي جيڪي ڳوٺائيون آباديون هجن ٿيون اهي "سيليولر ڪمپنين" جي آواز کي به سمجهي ناهن سگهنديون آهي. "سيليولر ڪمپنين" وارا به هاڻي موسم وانگي ٿي پيا آهن. ان ڪري ته انهن وٽ مذهبن جي ايڊورٽائيز کان وٺي پينڊيمڪ جي بچاءَ جون جيڪي تجويزون هونديون آهن، اهي سڀ ڪاغذي هونديون آهن. فون جي حد تائين باقي پريڪٽيڪل ۽ گرائونڊ تي اهي زيرو هوندا آهن.

گذريل ڪجهه سالن کان وٺي موسمياتي تبديلين جي بهاني قدرتي آفتن جو هڪ نه ڪٽجندڙ سلسلو شروع ٿي ويو آهي. جيڪو لاڳيتو هلندو ٿو رهي. مثال مارچ ۽ اپريل ۾ گرمي جي لهر ٿي اچي، جون ۾ مٽيءَ جا طوفاني ۽ تيز واچوڙا ٿا ڪوڪن. جون ۽ جولاءِ ۾ وري شهري ۽ ڳوٺائيون ٻوڏون ٿيون اچن، جڻ اهو سڀ ڪجهه هڪ قسط ۾ ڪافي ناهي هوندو. جيڪي تباهيون ۽ بربادين اچن يا ٿين ٿيون انهن جو ازالو اچي مس بس ٿو ٿئي (يا نه به ٿئي ٿو) ته مٿان وري ٻي مصيبت اچي منهن ٿي ڪڍي. هاڻي وري هڪ نئين لهر اچي چڪي آهي: جيئن هندستان ۽ افغانستان جي طرفن کان ايندڙ ٻوڏون پنجاب ۽ ڪي پي ڪي متاثر ڪري رهيون آهن. گلگت، بلتستان ۽ بلوچستان جي جبلن جي قطارن مان طوفاني برساتون، لينڊ سلائيڊنگ ۽ طوفان سنڌ جي ميداني ۽ دريائي علائقن کي حد کان وڌيڪ متاثر ڪري رهيا آهن. جن جي اچڻ سان بيٺل فصل تباهه ٿي ٿا وڃن. جانور ڪينالن جي ڪچي يا پڪي هجڻ جي ڪري لڙهي هليا ٿا وڃن. ڳوٺن جي ٻڏي وڃڻ. پاڻيءَ جي مناسب نيڪال نه هجڻ جي ڪري، انهن ڳوٺن ۽ ڪچين آبادين جي بناوتي ڍانچي جي ڪري جنهن ۾ ڳوٺ ۽ آباديون انهن ڪينالن جي سطح کان هيٺ هونديون آهن ۽ اتفاق سان جيڪي اهو ڪينالن جو پاڻي جي 4 هزار ڪيوسڪ مان وڌي 12 ڪيوسڪ تائين پهچي ٿو ته اهو مٿيون 8 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڳوٺن، ڪچين آبادين ۽ ميداني علائقن جي ماڻهن جي لاءِ موت ڪٽي ٿو ڇو جو اهو ڪينال اڻ برداشت جهڙو پاڻي ڳوٺن ۽ ڪچين آبادين ۾ ورهائي ونڊي ٿو ڇڏي. جنهن ۾ بيٺل فصل، پکي پکڻ، گهريلو پالتو جانور ۽ عام ماڻهن جي جمع پونجي. انهن جون جايون جڳهون لڙهي ڪٽي ٿو وڃي ۽ ٻوڙي تباهه ڪري ٿو ڇڏي. ان ڪري ان ڳالهه جون ريميڊيز، مهلاتا حل ۽ بچائيون ان ڳالهه ۾ آهن ته انهن ڪينالن جي سطح (پيٽ کي) اجان به وڌيڪ گهرو ۽ هيٺ ڪيو وڃي ته جيئن اهي پاڻيءَ جي پيڙ سهي سگهن. جيڪو موسمياتي پاڻي جو پريشر اچين اهو سهي سگهن. هڪ ٻي ڳالهه اها به هوندي آهي ته دريائي پاڻي وهي اچڻ سان جر جي پاڻي جي سطح به وڌي ويندي آهي، جنهن جي ڪري مٿان ايندڙ برساتي پاڻي وري شڪڻ ۾ دير ڪندو آهي، واپسي جي رستي يا نيڪال جي مناسب لنگر نه هجڻ جي ڪري اهو بيٺل پاڻي وري زرعي زمينن جي لاءِ انتهائي نقصانده ۾ هوندو آهي.

پر فڪر جي ڳالهه اها به آهي ته پاڪستان پنهنجي موسمياتي گورننس کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪجهه عملي قدم به کڻي سگهي ٿو جيئن هيٺ ويوز: پاڪستان جي موسميات کاتي (پي ايم ڊي اي) موجب جون 2022 ۾ 36 ننڍن وڏن شهرن ۾ گرمي جي پد ۽ برسات جا نوان رڪارڊ جوڙيا، جنهن خراب حالتن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي نقدي رقمن جي فراهمي کي معطل ڪرڻ تي مجبور ڪيو ريلوي لائينون پاڻي هيٺ اچڻ جي خبرن جي ڪري ٽرينون روڪيون ويون ۽ گرمي يا ٻين سببن جي ڪري ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي جو نظام درهم برهم ٿي ويو. پاڪستان ۾ گرمي جي لهر ميونسپل سروسز ۽ اسڪول ۽ اسپتالن جي سرگرمين کي متاثر ڪري ڇڏيو هيو. جنهن جي ڪري اهڙن ڪمن جي پيداوار ۾ پڻ گهٽتائي سامهون آئي ۽ اهي موسمياتي تبديليون زرعي شعبي لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيون. جنهن جي ڪري جيڪب آباد کان وٺي تربت تائين سنڌ ۽ بلوچستان جا ڪيترائي شهر پنهنجي بقاءَ جي جنگ پئي وڙهيا، ان ڪري ڪيترائي شهر موسمياتي ڏمرن جي برداشت جي لائق نه رهيا. پر حيرت اها به آهي ته اڃان تائين ڪو ادارو هيٽ وِيوَ سان لاڳاپيل ڊيٽا کٽي ناهي ڪري سگهيو ان ڳالهه جي ڪا حتمي رسرچ به ناهي آئي ته آخر اهي شيون رڳو پاڪستان ۾ ڇو ٿيون ٿين؟ ۽ نه ئي حڪومتون (وفاقي ۽ صوبائي) مقامي آبادين جي ڪا حفاظت ڪن ٿيون. مثال: صوبائي حڪومتون اهڙين هيٽ ويوز جي ڪري ڪم جي ڪلاڪن ۽ تعليمي ڪئلينڊرن تي ڪا نظرثاني به ڪنديون هجن. اونهاري ۾ مزدورن جي حقن کي نظر ۾ رکندي ڪم اهڙي ٽائيمنگ کي ريگيولر ڪرڻ جو اختيار. ڪا مرضي رکنديون هجن يا ڪري به سگهن. جيئن اسان وٽ رمضان المبارڪ ۾ ڪيترن ئي علائقن ۾ گرم موسم ۾ ڪم ڪرڻ جا ڪلاڪ مختلف هوندا آهن ۽ سرد موسمن ۾ ڪم جا ضابطا ٻيا هوندا آهن. اسپين جي هڪ ننڍڙي شهر ائٽلانٽڪ ڪائونسل جي ايڊرينا آرشٽ راڪفيلر فائونڊيشن رزيلينس سينٽر جي مدد سان گرمي جي درجي ۽ هوا ۾ گهر جي سطح جي نگراني ڪندي گرمي جي لهرن کي منظر ڪرڻ لاءِ هڪ درجابندي سسٽم تيار ڪيو آهي جنهن ۾ گرمي جي لهرن کي هڪ کان ٽن جي پيماني تي درجابندي ڪئي وئي آهي. انهن ان کي ريورس الفابيٽيڪل آرڊر ۾ نالو ڏنو آهي، جنهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته گرمي جي پد جي ٽين ڪيٽيگري هيٽ ويوز سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ هوندي آهي جن ۾ Zoe، Yago ۽ Xenia گرميءَ جون لهرون وڌيڪ خطرناڪ ٿينديون آهن. ان جي اهڙي ڄاڻ جو مطلب صرف اهو هيو ته جيئن انهن جي ٻڌايل هر مثال مان ڪجهه سکيا حاصل ڪري سگهجي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ اهي سڀ شيون لاڳو به ڪري سگهجن يا انهن غريب ماڻهن جي لاءِ گرمي جي اهڙي پد ۽ هيٽ وِيوَ ۾ ۽ بارشن جي زيادتي ۾ ڪي بهتر اپاءَ وٺي سگهجن.

پيو وري پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ موسمياتي آفتون هڪپئي سان ڳنڍيل هجن ٿيون. ٿيون ته آبهوا جي نتيجي ۾ ٿيندڙ نقصانن جو ويڇهڙائيءَ ۾ رياست طرفان ازالو ناهي ڪيو ويو ڪمزور حڪمراني سبب پاڪستان جا پاليسي ساز موسمياتي آفتن جي اچڻ ڪانپوءِ هڪ نمائشي ۽ مظلوميت وارو جواب ناهي رکندا آهن ته پاڪستان ٿي واحد ملڪ آهي، جيڪو موسمياتي ڏمرن جو شڪار رهندو آيو آهي. پاڪستان جي پاڙيسري ملڪن خاص ڪري چين، ڀارت ۽ افغانستان، جتي گرمي جي لهر ۽ ٻوڏن جا نوان رڪارڊ سامهون اچي رهيا آهن. اتي دنيا جا ٻيا ملڪ به شڪار بڻيل آهن: جيئن ڏکڻ يورپ ۾ گرمي جي تيز لهر. آمريڪا (ڪيليفورنيا) ۽ ڪئناڊا ۾ ٻيلن ۾ لڳندڙ باهه سائبيريا ۽ هارن آف آفريڪا ۾ رڪارڊ توڙ خشڪي ۽ آسٽريليا جي ٻيلن ۾ خوفناڪ باهيون وغيره. اهي سڀ موسمياتي تبديليون هن ڏهاڪي ۾ انهن سيني ملڪن ۾ نيون موسمياتي تبديليون آئي رهيون آهن ان ان تيزي سان بدلجندڙ موسم فطري طور تي اسان کي ڪوٺي ۽ وقت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. جيڪو انتباهه موسمياتي سائنسدانن پيرس واري 1991 واري معاهدي ۾ ڪيو يا ڇٽي ڇڏيو هيو ته دنيا اندر ماحولياتي گدلاڻ سبب موسمياتي تبديليون اينديون ۽ اها ڳالهه دبئي ۾ نومبر 2022 ۾ ٿيندڙ ملڪن جي موسمياتي ڪانفرنس ۽ ان ڪانپوءِ جي ڳجهائين ۾ به گونجندي رهي. پر پاڪستان سميت جيڪي به ٿرڊ ورلڊ ڪنٽريز آهن. اهي پاڻ کي انهن خطرناڪ ۽ خوفناڪ موسمياتي تبديلين کان بچائڻ لاءِ ڪي زبردست پاليسيون يا فيصلا مرتب نه ٿا ڏين يا رڳو اها ڳالهه ضرور ٿا ڪن ته انهن جي ٿيل نقصان جو ازالو سڀ ملڪ ازالو ڪن جيڪي طاقتور آهن. جيڪي "ڪاربان اميشن" ۾ وڏي حصيداري رکن ٿا. ان ڪري ته ان ناڪرده گناهه ۾ پاڪستان سميت ڪنهن به ٽين دنيا جي ماڻهن جو قصور ناهي. پر حقيقي ڪينواس تي وڌندڙ گرمي جي پد، ڪاربان جي اخراج، ساموندي پاڻي ۾ دريائي پاڻي جو نامناسب ڇوڙ، برفاني ڇپن جي ڳرڻ جي نسبت ۽ جهنگن جي ڪٽجڻ. وڻن جي نه هجڻ جو ڪارڻ يا پاڻيءَ جي ايڪو سائيڪلنگ جي نامناسب وٺي سان هلندڙ ڦيري جي روڪ جا سبب ۽ ان جي مناسبت ۾ گهٽ وڌائي جا سبب ڳولهڻ به انهن ترقي يافتا ملڪي جي فرضن ۾ شامل آهي. ته اهي ترقي پذير ملڪن جي عام ماڻهن جي دوا درمل جي پوئواري، تعليم جي ريشي ۾ گهٽتائي جا بنيادي ڪارڻ ۽ ان سان گڏ بنيادي سهولتن جي فقدان جي لاءِ مسلسل ڪوشان هجن.

بقايا 01

ويڄهو ديهه پڪاڙڪي ۾ ڳوٺ حاجي رمضان لاشاري جو گورنمنٽ پرائمري اسڪول ڇهن سالن کان بند پيل ڳوٺاڻن ۽ ٻارڙن پاران اسڪول کولرائڻ لاءِ احتجاج احتجاجي مظاهري دوران ڳوٺاڻن علي حسن لاشاري خميسو لاشاري ذوالفقارعلي لاشاري جن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڳوٺ جو اسڪول ڇهن سالن بند پيل آهي تڪ جي چونڊيل نمائندن کي بار بار درخواستون ڏنيون آهن پر اڃان تائين ڪو ٽڪيل ناهي نڪتو اسڪول ۾ استاد نه هئڻ جي ڪري اسان جي ڳوٺ جا 250 معصوم ٻارڙا تعليم جهڙي زيور کان محروم ٿي ويا آهن ڳوٺ جا ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون تعليم پرائڻ بجاءِ ڪي چوپائي مال جو ڳاهه ڪري رهيا آهن ته ڪي وري فالتون گهمي رهيا آهن ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته اسان جي ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي هتي تعليم کاتي جي اعلي اختيارين سميت تڪ جي چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي آهي ته اسان جي ڳوٺ حاجي رمضان لاشاري جي گورنمنٽ پرائمري اسڪول ۾ فوري استاد مقرر ڪري اسڪول ۾ پڙهائي جو عمل شروع ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 02

مسجد ٻاهران چوري. تفصيل موجب هنگورجا جي پنجهتي محلي ۾ نامعلوم چابي چور دوڪاندار سبحان علي سومرو جي نيهنلو شاهه درگاهجي مسجد ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل چوري ڪاهي فرار ٿي ويا. دوڪاندار ٿاڻي تي پهچي اين سي داخل ڪرائي آهي دوڪاندار ٻڌايو ته مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ گاڏي ٻاهري بيهاري ويو هيس جتا چور گاڏي ڪاهي ويا آهن هن ايس ايس پي خيرپور کان گهر ڪئي آهي موٽرسائيڪل واپس ڪرائي ڏني وڃي.

بقايا 03

شامل ڊاڪٽرن، سماجي اڳواڻن ۽ مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتن خيرپورميرس جو دورو ڪري تاريخي ماڳن جو سير ڪري خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ دوري ۾ شامل گولڊن فرينڊس جي اڳواڻن ڊاڪٽر احمد علي شيخ، ذوالقرنين سيال، ڊاڪٽر شمس الدين سومرو، ڊاڪٽر آفتاب پٽو، ڊاڪٽر جلال مگسي، ڊاڪٽر غلام فاروق شيخ، ڊاڪٽر شنڪر نوتن، ڊاڪٽر محمد صديق کهاوڙ، ڊاڪٽر نرمل داس، جهانگير خان سيال، ڊاڪٽر ذوالفقار جوڻيجو، ڊاڪٽر صفيع الله سوهو، ڊاڪٽر عاشق علي پٽي، ڊاڪٽر ذوالفقار مگسي، ڊاڪٽر محرم علي عباسي، اياز علي شيخ، ڊاڪٽر الطاف جتوئي، اظهر علي قريشي، توحيد شيخ، امداد علي چنو، راجا هوتواڻي، ڊاڪٽر پرڪاش، سريش، سينئر صحافي راجا خان گاڏهي جو گمبٽ پهچڻ تي مختياڪار گمبٽ راشد علي سيال استقبال ڪري ٽوئر ۾ شريڪ ڊاڪٽرن ۽ ٻين کي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪري سنڌن جي لاءِ چانهه پاڻي جو اهتمام ڪيو بعد ۾ گولڊن فرينڊس جي اڳواڻن مهراڻو، ڪوٽڏيجي جو قلعو شيش محل، بلاول پارڪ ۽ ٻين تاريخي ماڳن جو دورو ڪيو جنهن کان پوءِ عبدالوحيد شيخ، توحيد شيخ، راجا هوتواڻي، دليپ، ڊاڪٽر پرڪاش ۽ ٻين طرفان ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو ان موقعي تي ٽوئر ۾ شريڪ ڊاڪٽرن ۽ ٻين ٽوئر جي آرگنائيزرن امداد علي چنو ڊاڪٽر احمد علي شيخ، ذوالقرنين سيال جو شڪريو ادا ڪندي ڪين اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا. ٽوئر دوران ڊاڪٽر جلال مگسي، ڊاڪٽر شنڪر نوتن، ڊاڪٽر محمد صديق ڪهاوڙ ۽ ٻين جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽي ڪين مبارڪباد ڏيندي مهمانن اعجاز پٽي، سريش ڪمار ۽ ٻين کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا. ان موقعي تي ٽوئر تي ويندڙ ڊاڪٽرن ۽ ٻين جو چوڻ هو ته اسان سڀني گولڊن فرينڊس جي دوستن کي سلام پيش ٿا ڪيو جن ٽوئر پروگرام ڪرائي سنڌ جي تاريخي ماڳن جو سير ڪرايو ۽ زبردست ميزباني ڪري اسان کي عزت بخشي اهڙي قسم جا پروگرام مستقبل ۾ به ترتيب ڏنا ويندا ته جيئن گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول مان ٻاهر نڪري سير ۽ تفريح ڪري سگهجي.

بقايا 04

ڪي گريجوئٽي، ڊفرنس بل نه ملڻ، ڪوڙن ووچرن وسيلي بجيٽ هڙپ ڪرڻ خلاف ميونسپل آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي ڪم ڇڏ هڙتال جو اعلان ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي مزدور يونين اڳواڻ مولابخش شيخ، ڪشن راڄ، خالد شيخ، جاويد شيخ، بلال، علي شيخ، حسينا مشتاق، مسمات زرينا، حسينه مسمات سڪينه ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ميونسپل چيئرمين ڪاشف مصطفيٰ ميمڻ ۽ ميونسپل آفيسر وليد شورو ويزا تي نه ويندڙ ملازمن جي پگهار مان 10 کان 20 هزار روپيا ڪٽوتي رهيو آهي، حڪومت ملازمن جي رهيل پگهارن جي مد ۾ ڊفرنس بلن بقاياجات جي لاءِ بجيٽ ڏني اها بجيٽ ڪوڙا بل ناهي هڙپ ڪئي وئي آهي، ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز جي ماهوار بجيٽ ساڍا ٽي ڪروڙن کان مٿي آهي اها پڻ هڙپ ڪئي وڃي ٿي، پگهارون وقت سر نه ٿيڻ ڪري فاڪاڪشي جو شڪار آهيون وقت سر پگهارون نه ٿيڻ ڪري گهر هلائڻ لاءِ مجبورن وياج تي پيسا کڻي گهر هلائي رهيا آهيون، حد ته اها آهي جو رٽائرڊ ٿيندڙ ملازمن کي پينشن، گريجوئيٽي به نٿي ملي اسان جا مطالبا تسليم ڪري ملازمن جي ڪٽوتي ڪيل پگهارون جاري ڪيون وڃن جيئن ملازمن جي بيچيني ختم ٿي سگهي هتي وڌيڪ چيو ته جيستائين اسان جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي ويندي.

بقايا 05

رهواسي پيرسن عزيزالله ٿهيم گذريل ڏينهن نيشنل پريس ڪلب سجاول ۾ احتجاج ڪندي چيو ته اڍائي مهينا اڳ سنڌس ڌيءُ زينب کي سنڌس ئي برادري جي غلام نبي ٿهيم، عرس، عبدالشڪور، زمان، خميسو، محمد، ابو ۽ غفور ٿهيم وارا اغوا ڪري ويا هئا، جنهن کي به مهينا گذري ويا آهن ۽ نياڻي جي بازيابي لاءِ مون ٿاڻن، ڪورٽن سميت ڪيترن ئي وس وارن وٽ ويو آهيان پر ڪير به مونکي منهنجي نياڻي واپس موٽائڻ لاءِ تيار ناهي.

هن چيو ته مونکي ڳوٺ جي ماڻهن کان خبر پئي آهي جاڻايل ماڻهن منهنجي نياڻي زينب کي اغوا ڪرڻ ڪانپوءِ مارڪٽ بعد سنڌس زبردستي عبدالشڪور ولد عرس ٿهيم سان نڪاح ڪرايو آهي پر مونکي شڪ آهي ته انهن همراهن منهنجي نياڻي کي ماري ڇڏيو آهي. هن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ ۽ آئي جي سنڌ پوليس کان مطالبو ڪندي چيو ته سنڌس نياڻي کي اغوا ڪندڙن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن سنڌس ڌيءَ کي جاڻايل ماڻهن ماري ڇڏيو آهي ته انهن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪري مونسان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 06

جي ڊي سي ايل جي ايم ڊي/سي اي او احمد حيات لڪ وائيس چانسلر ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ سان گڏجي گيم ڊيزائن ليب جو باضابطا افتتاح ڪيو ويو پروگرام ۾ ٻيا معزز مهمان پڻ شريڪ ٿيا، جن ۾ اوجي ڊي سي ايل جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر (پراڊڪشن) ممتاز علي سومرو، او جي ڊي سي ايل جي جنرل مئنيجر (سي ايس آر) سڪندر علي شيخ، عامر علي خان غوري (ائٽڪن جو ڊائريڪٽر)، انجنيئر عبدالفتاح شيخ (سکر چيمبر آف ڪامرس جو اڳوڻو صدر). پروفيسر ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ (خيرپور مهراڻ يونيورسٽي ڪيمپس جو پي وي سي)، ۽ پاڪستان سوئيٽ هوم سکر جو ڊائريڪٽر شبير ميمڻ صاحب شامل هئا. اروڙ يونيورسٽي جي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ، سڀني مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو. تقريب کي خطاب ڪندي، هن چيو ته هي قدم يونيورسٽي جي ان ويزن سان هم آهنگ آهي، جيڪو شاگردن کي عالمي معيار جي تعليم فراهم ڪرڻ لاءِ ورتو ويو آهي.

بقايا 07

سبب اتي لوڊ ٿيل ٽرالر، ٽرڪن ۽ ٻين هيوي گاڏيون لوڊ ٿيڻ ۽ خالي ڪرڻ لاءِ اچڻ روز جو معمول بڻيل آهي، ريلوي اسٽيشن تي گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول، پبلڪ پارڪ، لائبريري، جنازي گاه، بلال مسجد ۽ ڪيترن ئي پرائيوٽ اسڪولن جي شاگردن، شاگرديائين، ليڊي ٽيچرس ۽ شهرين جو اتان کان گذرڻ ٿئي ٿو، جڏهن ته هيوي ٽرالرن ۽ ٽرڪن جو هر وقت وچ شهر مان گذرڻ سبب شهري سخت پريشانيءَ ڪي منهن ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته سڄاڳ ڊرين پاران ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي ڊپٽي ڪمشنر متياري محمد يوسف شيخ ۽ ايس ايس پي متياري فيصل بشير ميمڻ کان مطالبو ڪيو آهي ته نيوسعيدآباد شهر اندر هيوي ٽرالرن، ٽرڪن ۽ ٻئي هيوي ٽرانسپورٽ تي پابندي لاڳو ڪري، اسسٽنٽ ڪمشنر نيوسعيدآباد ۽ ايس ايڇ او نيوسعيدآباد کي سختي سان پابند ڪيو وڃي ته هيوي گاڏين کي ڪنهن به صورت ۾ شهر اندر داخل ٿيڻ نه ڏنو وڃي ته جيئن اسڪول ويندڙ شاگرديائين، شاگردن، ليڊي ٽيچرس، شهرين مرد، عورتون، معصوم ٻارڙن کي اچڻ وڃڻ ۾ آساني ٿئي، ٻئي صورت ۾ ڪورٽ سان رجوع ڪيو ويندو.

بقايا 08

صدر ۽ ڊويزن هاڪي ايسوسيشن حيدرآباد جي اڳوٽي نائب صدر غلام جيلاني خان طرفان مبارڪون. غلام جيلاني خان سنڌ هاڪي ايسوسيشن جي تمام عهديدارن اسلم خان نيازي، رحمان جمالي ۽ ٻين کي مبارڪ باد پيش ڪئي ۽ پنهنجي بيان ۾ چيو ته سنڌ هاڪي ايسوسيئشن لاءِ چونڊيل نوان عهديدار نهايت تجربيڪار آهن ۽ اسان کي يقين آهي ته هنن جي ڪوششن سان سنڌ ۾ هاڪي راند کي تمام فائدو حاصل ٿيندو.

بقايا 09

حدالله آباد ڪالوني ۾ سب انسپيڪٽر يعقوب ناريجو جي گهر سامهون فائرنگ ۾ قتل ٿي ويل ڳوٺ محبوب رند جو رهائشي ڪوڙو خان رند جي ٽئين تي ميڙ منٿ ڪافلو سماجي اڳواڻ رئيس غلام قادر خان چانڊيو قوم پرست اڳواڻ غلام اڪبر مڪول جي اڳوائي ۾ پهچي قتل ٿي ويل ڪوڙو خان رند جي روح جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهرڻ بعد چيو ته سنڌ جا سور ڏينهون ڏينهن وڌندا پيا وڃن جهيڙن دوران ڪيترائي نوجوان قتل ٿي ويا آهن مهرباني ڪري خونريزي بند ڪري امن امان ڏانهن وڪ وڌائي وڃي ناريجا برادري کان غلط فهمي سبب نوجوان ڪوڙو خان رند قتل ٿي ويو آهي ڪنهن به سردار يا نيڪ مرد وٽ فيصلو رکيو وڃي ان موقعي تي رند قومي اتحاد جي معززين رئيس عبدالواحد رند، رئيس جاڙو خان رند، رئيس محبوب رند، مقتول جي والد رئيس خادم رند،علي خان رند، رئيس پنهل خان رند، رئيس آنڊل خان رند، فقير خادم حسين رند ۽ ٻين ناريجا برادري پاران موڪليل ميڙ منٿ ڪافلي کي مان ڏيندي جلد فيصلي لاءِ تاريخ رکي ويندي هتي چيو ته رندن هميشه ٽڏي تي کهي ايندڙن کي عزت ڏني آهي اسان پاڻ ۾ مشاورت ڪري اوهان کي فيصلي جي تاريخ ڏينداسين اسان جي رند برادري ڪنهن به قسم جي اڳرائي نه ڪندي اسان سڀني کي سختي سان جهيڙي کان روڪي ڇڏيو آهي ان موقعي تي خير جي دعا گهري وئي.

بقايا 10

چانڊيو جن جي اڳوٽي ۾ ڇتي چوڪ کان پريس ڪلب خيرپور تائين ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ ثاقب منگي، دانش لاڙڪ سميت ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ريلي کي خطاب ڪندي نورحسين چانڊيو چيو ته عمران خان ملڪ جو وڏو سياسي ليڊر آهي عمران خان سان ملڪ جو عوام پيار ڪري ٿو پر 8 فيبروري تي عمران خان جي مينڊيٽ کي جعلي چونڊن تحت چورايو ويو ، نور حسن چانڊيو چيو ته پاڪستان ۾ چورن جي حڪومت قائم ڪئي وئي آهي جنهن جي مزمت ڪريو ٿا، هن چيو ته ملڪ کي هن وقت عمران خان جهڙي ايماندار ليڊر جي ضرورت آهي عمران خان کان سواءِ ملڪ جي ترقي ناممڪن آهي، ريلي کي جميل لنڊ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته عمران خان جي عوامي مينڊيٽ کي چوري ڪرڻ جي مزمت ڪريون ٿا، هتي عمران خان کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي پي ٽي آءِ جي ريلي ۾ جي ڊي اي، جي يو آءِ، ايس يو پي سميت ٻين اتحادين تنظيمن جي سول ڪارڪنن شرڪت ڪئي.

بقايا 11

علي شاهه موسوي جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪري مجلس عزا منعقد ڪئي وئي ان کان اڳ درگاهه سيد گل شاهه موسوي سيد سوجل شاهه سيد قاسم علي شاهه موسوي جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري وئي ان رسم ۾ درگاهه شريف جي سجاده نشين ايڊووڪيٽ سيد امتياز حسين شاهه موسوي سيد شفقت حسين شاهه موسوي سيد قاسم علي شاهه موسوي سيد اقبال حسين شاهه موسوي سيد رياض حسين شاهه موسوي درگاهه شريف جي مريدن عقيدتمندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي مقررن خطاب ڪندي چيو ته سيد قاسم علي شاهه موسوي انتهائي شفيق ۽ انسانيت جي اهميت جي پرچار ڪندڙ هو جنهن پنهنجي وقت ۾ حق سچ جي تبليغ ڪئي ۽ سيرت اهليبيت جا پيروڪار هئا

بقايا 12

ملهائيندي مختلف راندين جا دلچسپ مقابلا ڪرايا ويا. جن ۾ شرڪت ڪندڙن کي زبردست تفريحي ماحول فراهم ڪيو مختلف راندين ۾ حصو وٺي ڪاميابي ماڻيندڙ اسڪولي ٻارڙن کي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ مهمانن پيپلزپارٽي اڳواڻ ۽ چيئرمين آزاد اليون ڪلب قمر جان بلوچ مهمان خاص رافع جاويد ملاح اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ممتاز قمبراڻي انور علي پٽي سيد فريد احمد اي ڊي سي ملير بشير احمد ميمڻ وائيس چيئرمين سليم ميمڻ سليمان ميمڻ اسلم ميمڻ ڊاڪٽر ممتاز خاصخيلي ارشاد ميمڻ سليم جي ميمڻ رمضان ميمڻ ڊاڪٽر عرفان ميمڻ ثاقب ميمڻ سميت شرڪت ڪندڙ مختلف سياسي سماجي شخصيتن پاران انعام ڏئي ڪين داد ڏنو ويو ، صبح کان شام تائين هلندڙ راندين ۾ ٻوڙي ريسلنگ، يوگا ،رسي تي ٽپا ڏيڻ، رقص، پريڊ ڪرڻ، ونجهه وٽي، شرارتي نچڻ سميت ٻين ڪيترن ئي راندين جا دلچسپ مقابلا ڪرايا ويا تقريب جي موقعي ڳالهائيندي رافع جاويد ملاح انور علي پٽي قمرجان بلوچ ارشاد ميمڻ ۽ ٻين چيو ته صحتمند زندگي لاءِ راندين ضروري آهن

بقايا 13

ڪاشف آفتاب عباسي جو چوڻ آهي ته گلشن حديد ويڄهو گشت ڪندڙ پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو ٿي پيو پوليس جي جوابي ڪاروائي ۾ 2 جوابدار گمشاد پٺاڻ ۽ حسين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته گهگهر ڦاٽڪ ويڄهو گشتي پوليس جي پهچڻ تي جوابدارن پوليس تي سڌي فائرنگ ڪئي پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ ٻن جوابدارن عبدالرسول ۽ محمد پناهه حاجي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي ايس ايس پي ملير جو چوڻ آهي ته گرفتار ڪيل جوابدار علائقي ۾ شهرين کان ڦر ڪري رهيا هئا گرفتار ڪيل جوابدارن وٽان 30 بور جا 4 پسٽل گوليون موٽر سائيڪلون موبائيل فون نقدي رقم پڻ هٿ ڪئي وئي آهي گرفتار ڪيل جوابدارن خلاف اسٽيل ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري ڪين علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جوابدارن خلاف قانون جي گهرج موجب وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 14

واپڊا هائيڊرو يونين راجوٽي اتحاد جسقم جساف سنڌي ادبي سنگت شاخ هالائي شهرين وڪيلن جي اڳواڻن هٿن ۾ پينا فليڪ بينر کڻي قاضي فيض محمد پارڪ کان ريلي ڪڍي جتي ميڊيا سان اڳواڻن وڪيل سيد نايابُ شاهه وڪيل شفقت سهتو الهوڏايو سيال شريف سومرو ذوالفقار نانگور مرتضي سولنگيءَ پنهنجي خطاب ۾ ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ واپڊا ملازم ذوالفقار نانگور کان نيشنل هاءِ وي تان هٿيارن جي زور تي 125 موٽر سائيڪل ڏيڍ لک رقم ۽ موبائل سيٽ ڦورو ڦر ڪري رفوچڪر ٿي ويا هيا جيڪا حد جي ايس ايڇ او هن مهل تائين واپس ناهي ڪرائي هتن چيو ته وڌندڙ بد امنيءَ جي ڪري شهر جو ڪوبه رستو محفوظ ناهي ڦورون روز جو معمول بڻيل آهي جڏهن ته شهر جي هر گهٽيءَ روڊ رستي ۽ چونڪن تي سرعام منشيات جو وڪرو هلي رهيو آهي هالائي ايس ايڇ او ڪنڌ هيٺان وهائو ڏئي آرامي بڻيل آهي هتن اعلي اختيارين ايس ايس پي نوشهرو فيروز کان گهر ڪئي ته امن امان ڪرائي ڏنو وڃي ٿيل ڌوهه واپس ڪرائي وڌندڙ منشيات جي واهپي کي بند ڪرائي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 15

ڪاريون پٽيون ٻڌي 8 فيبروري 2024 عام چونڊن کي ڪارو ڏينهن طور ملهايو ويو. احتجاجي ريلي جي اڳواڻي ايڊووڪيٽ ارشاد حسين ڏاريجو جنرل سيڪريٽري مسلم ليگ ضلعي خيرپورشاهد رسول چيما، ڊاڪٽر پيارو خان قلپوٽو حاجي عبدالغني قلپوٽو بشير احمد لنڊ، ايڊووڪيٽ عاشق کنڊ، صابر حسين مهيسر پرويز احمد سولنگي، ڪامريڊ نثار ابڙو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ريلي پريس ڪلب پهتي ته پي ٽي آءِ جي يو آءِ ،ايس يو پي جي ڪارڪنن پڻ ڌار ڌار ريلن جي صورت ۾ پريس ڪلب خيرپور تي جي ڊي اي جي ريلي ۾ شرڪت ڪئي. مظاهرين چيو ته 8 فيبروري 2024 تي پاڪستان ۾ ٿيل عام چونڊن کي رد ڪريون ٿا. هنن چيو ته من پسند نتيجن واري عام چونڊن کي نٿا قبول ڪريون. جنهن ڪري 8 فيبروري کي ڪارو ڏينهن ڪري ملهائي رهيا آهيون. ان موقعي تي اڳواڻن سنڌو درياهه 6 ڪئنال ۽ ڦرون ڌاڙن. اغوا ۽ قبيلائي جهڳڙن جي بدامني ۽ ڪريشن جي مخالفت جو اعلان ڪيو.هنن مطالبو ڪيو ته جعلي ۽ چورن جي حڪومت کي هٽائي نئين سر شفاف چونڊون ڪرايون وڃن. سنڌو درياءَ مان 6 ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي.

بقايا 16

ڪونائيل ميلي ۾ شاگردن طرفان مختلف سائنسي پروجيڪٽ ماڊل تيار ڪري اسٽال لڳايا ويا. جنهن ۾ انساني سرشتن جو عمل. خوردبيني، ٻوٽن جي روشنائي وارو سرشتو. شمسي نظام،ڪمپوٽر انساني حواسن جو سرشتو بڪين جو عمل،ٻوٽن جا حصا،ڊرپ ايريگيشن سسٽم، راڪيٽ،رياضي جي بنيادي عمل. جاميٽري جون شڪليون. انگن ۽ عددن جي ماڊل سان گڏ جديد گهر جا ماڊل شامل هيا، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اسڪول جي پرنسپال رئوف رستماڻي ۽ ٻين چيو ته محدود وسايلن جي هوندي به اسان پنهنجن شاگردن جي ڀلائي لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون ، تدريسي عمل سان گڏ غير نصابي سرگرمين کي اولين ترجيح آهي ، جيئن شاگردن جي ذهني اوسر ٿيي ، واهي پانڌي ۽ آس پاس ۾ واحد مهراڻ اسڪول آهي جيڪو پنهنجي اسڪول ۾ مختلف سرگرميون ڪرائيندو رهندو آهي، سائنسي ميلي جو انعقاد ڪرڻ جو مقصد آهي ته سنعت ڪار ۽ ڪارخاني ڪار سوچ پيدا ڪرڻ ، جيئن شاگرد اڳتي هلي ملڪي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن.

بقايا 17

اردو سنڌي ڊرامن ،فلمن جي اداڪار ۽ صدارتي ايوارڊ حاصل ڪندڙ منظور مراد ڪندي چيو ته محمود صديقيءَ تمام بهترين اداڪار هيو ذوالفقار علي ڀٽوجي دور ۾ شپنگ ۾ نوڪريءَ ڪئي بعد ۾ ضياءَ جي دور ۾ نوڪريءَ مان فارغ ٿيڻ تي هو صحافت ۾ هليو ويو ۽ اداڪاري ۾ ڪم ڪيو. هن پي ٽي وي تي پهريون ڊرامون بدمعاش ۾ اداڪاري ڪئي، ديوارين ڊرامي پوري پاڪستان ۾ شهرتن جي بلندين تي پهچائي ڇڏيوهي اهي آرٽس آهن جن کي برصغير جي ڪنهن به آرٽس جي سامهون بيهاري سگهجي ٿو پاڪستان ۾ پرائيوٽ پراڊڪشن جو پهرين بنياد وجهندڙ اسان سنڌي اداڪار آهيون. هن ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪيا علي گوهر فلم به محمود صديقيءَ ناهي هئي. منظور مراد پنهنجي تقرير دوران محمود صديقيءَ کي ياد ڪندي هن جي بيماري وارن ڏينهن کي ياد ڪندي روئي ويئو جڏهن ته مهمان خاص ۾ سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر ممتاز بخاري چيو ته منظور مراد جا ٿورا جيڪي اسان جي سڏ تي ڪراچي کان هتي آيا محمود صديقيءَ ننڍي کنڊ جو تمام وڏو اداڪار هيو هن اداڪاري جي عرصي دوران پنهنجي فن سان عشق ڪيو هي سنڌ جا اهي اداڪار آهن جيڪي پنهنجي فن جي خوشبو پکڙيندا رهن ٿا.ڊرامن جي شعبي جي ڪنوينر وفا دلدار ڳالهائيندي چيو ته سکر ۾ جنم وٺندڙ تمام وڏي اداڪار محمود صديقيءَ جي ياد ۾ هي پروگرام ڪرائي کيس ياد ڪيو ويو آهي.مهمان خاص ممتاز لکي چيو ته محمود صديقيءَ فن جي حوالي سان تمام وڏو اداڪار هيو هو پهرين وڪيل ٿيو پروڪالت کي جلدي ڇڏي ڏنو ۽ چوندو هو وڪالت ۾ مونکان ڪوڙ نٿو ڳالهائجي سگهجي. هن صحافت ۾ ڪئي بعد ۾ اداڪاري ڪرڻ لڳو هو اڄ به اسان سان گڏ آهي.تقريب ۾ محمود صديقيءَ جي ياد ۾ هڪ ڊاڪيومينٽري پڻ پيش ڪئي وئي پروگرام ۾ ڊرامن جي اداڪارن. عورتن، ٻارن، شاعرن. فنڪارن، شاگردن ۽ شهرين جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

بقايا 18

عاشقان رسول شرڪت ڪئي، درگاهه پير مٺا سائين رح جي سجاد نشن پير عبدالغفار جان نقشبندي عالم اسلام پاڪستان سنڌ جي امن سلامتي لاءِ خصوصي دعائون گهريون. ساليانو عرس مبارڪ جي عظيم الشان اجتماع ۾ پير عبدالغفار جان نقشبندي ، صاحبزاد محمد خلل الرحمٰن نقشبندي، صاحبزاد محمد معصوم نقشبندي پنهنجي مريدن کي نصيحت هدايت ڪندي چيو ته صحابہ ڪرام ۽ اهلبيت پاڪ جي محبت اصل ايمان آهي. الله تعالي جي رضا ۽ خوشنودي طلب ڪندڙ ڪڏهن به بي ادبي نٿو ڪري سگهي، وقت جي ولي ڪامل حضرت پير مٺا سائين رح جي صحبت ۾ رهندڙ متقي پرهيزگار صاحب ولايت جا مالڪ بڻجي ويا. قلب جي ڪٽ ميراڻ قلبي ذڪرالله. الله ڪرڻ سان متجي وڃي ٿي. گناهن جي نحوست ماڻهو کي ذهني پريشانيءَ تڪليفن ۾ مبتلا ڪري رهي آهي، نون فتن کان پاڻ کي بچايو. الله ۽ الله جي رسول عربي گهوٽ صلي الله عليه وسلم جي ٻڌايل واٽ تي هلي دنيا آخرت بهتر بڻايو جنهن الله جي رضا ۽ خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ شريعت ۽ طريقت جو لحاظ رکي انهيءَ تي عمل پيرا ٿيو اهو ڪاميابيءَ جي رستي تي گامزن آهي. الله پاڪ تمام مهربان ۽ پنهنجي والدين کان به شفيق آهي. انهيءَ باري تعالي جي بارگاهه ۾ نياز نوڙت عاجزي انڪساري ڪريو ان شاء الله عزوجل ٻنهي جهانن جون مهربانيون عنايت نصيب ٿينديون.

بقايا 19

پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته سندس پي ۽ چاچن گهر ۾ قيد ڪري 20جنوري سئوٽ سنيا سان زبردستي شادي ڪرائي آهي جڏهن هو سيما شيخ سان اڳ شادي ڪري چڪو آهي.هن چيو ته 2جنوري 2025تي حيدرآباد واسڻ سيما شيخ سان پسند جو پرڻو ڪيو ۽ 19جنوري تي زال سيما کي وٺي گهر پنهنجي ٽنڊوالهيار پهتس جتي منهنجي رات 7وڳي ڌاري سيما کي تشدد ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو ۽ مونکي گهر قيد ڪري ڇڏيو ۽ ٻاهر نڪرڻ جي صورت ۾ موتمار ڌمڪيون ڏنيون ۽ منهنجي ڪن پٽي تي پسٽول رکي سنيا سان نڪاح ڪرائي ڇڏيو جڏهن ته 25جنوري تي موقعو ملڻ تي گهران نڪري پنهنجي زال سيما جي گهر پهتس. جڏهن ته زبردستي شادي ڪرايل سنيا کي ڪوريئرسروس ذريعي طلاق موڪلي ڇڏي آهي.هن چيو ته مونکي ۽ منهنجي زال کي منهنجي پي سهيل الياس،چاچي شيرمحمد،جلال الدين ۽ محمد جنيد کان جاني خطرو آهي.هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽس وٺي تحفظ ڪيو وڃي.

بقايا 20

ڪندي چيو آهي علائقي جي ماڻهن قاضي جمال الدين ۽ رحمن گل کيس شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏيڻ ڊي آئي جي آفيس مان مالي مدد وٺي ڏيڻ جي نالي درخواست تي اڳوڻا هٿائي ڊي آئي جي آفيس پيش ڪيو جتي خبر پئي ته درخواست يوسي 130 جي جنرل ڪائونسلر مولانا علي احمد خلاف آهي. هن چيو ته جاڻايل ماڻهن مونکي ٻڌائڻ کان سواءِ جاڻايل درخواست لکي آهي جنهن سان منهنجو ڪو به تعلق ناهي. ۽ مولانا علي احمد خلاف لڳايل الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن.

بقايا 21

فائرنگ گولين لڳڻ سبب نوجوان زخمي نازڪ حالت هئڻ ڪري سکر منتقل ڪيو ويو. تفصيل موجب ڪنڌڪوٽ ضلعو ڌوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏيل، ڏينهن ڏٺي جو هٿياربندن جي انڌس هاءِ وي تي ڪاهه ڪري سردار محمد صلاح گولو جي سئوٽ نظرمحمد گولو کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي سنڌن کان موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي نوجوان کي ٽنگ ۾ گولي هٽي زخمي ڪري وڌو. واقعي جو اطلاع حد جي پوليس کي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمي نوجوان کي طبي امداد ڏيارڻ لاءِ اسپتال ڪٺائي آندو ويو جتي نوجوان حالت ۾ سڌارو نه اچڻ تي سکر منتقل ڪيو ويو.

بقايا 22

پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي ترقياتي ڪمن ۽ ٻين رٿائن جي حوالي سان چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه لاڙڪاڻي جي صدارت هيٺ لاڙڪاڻي ۾ چونڊيل نمائندن ۽ مختلف کاتن جي سيڪريٽريز جي ميٽنگ ٿي جنهن تحت چيئرمين جي هدايتن تي سبزي منڊي کي شهر کان ٻاهر منتقل ڪرڻ لاءِ 40 ايڪڙ زمين مختص ڪئي وئي آهي. ٻن کان اڍائي سالن ۾ سبزي منڊي شهر کان ٻاهر منتقل ٿي ويندو. واپارين ۽ شهرين جي مطالبي تي ساڳي ٿي هنڌ گورنمينٽ گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول تعمير ڪرايو ويندو

بقايا 23

سکر موجب ايس ايڇ او نئون ٿاڻو ڳجهو اطلاع ملڻ تي حد ۾ هلندڙ جوئا اڏي تي ڇاپو هڻي ڇئن جوابدارن نواز مغيري،سراج،رسول بخش ۽ محمد عثمان مهر کي گرفتار ڪري مختلف جوئا راندين جو سامان تاس پتا ۽ موبائيل فون ۽ جوئا جي داءِ تي لڳل ڪيش رقم هٿ ڪري ورتي جوابدارن خلاف جوئا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ڪامياب ڪاروائي تي ايس ايس پي سکر پوليس ٽيم کي شاباسي ڏني آهي.

بقايا 24

غلام مصطفيٰ خاصخيلي پاران استادن محمد امين سومرو ۽ غلام شبير عرف شبن ڪوڪر کي تعليم کاتي مان رٽائرمينٽ وٺڻ تي سنڌن مان ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي وئي، هن تقريب ۾ استادن غلام سرور خاصخيلي، وقار علي خاصخيلي، دلشاد ڏاهري، طارق علي سومرو، گلشير ماڇي، قربان علي سومرو، محمد رمضان جوکيو، غلام شبير خاصخيلي، عبدالقيوم مهر، حافظ عاشق ماڇوئي،غلام رسول پٽي، قربان علي ڏيٿو ۽ ٻين محمد امين سومرو ۽ شبن ڪوڪر کي گلن ۽ نوٽن جا هار پارائي مڃتا ڏني، ان موقعي تي هيڊ ماستر غلام مصطفي خاصخيلي چيو ته شبن ڪوڪر ۽ امين سومرو بهترين استاد رهيا آهن. هنن شاگردن کي پنهنجي نيڪ نيتي ۽ ايمانداري سان پڙهايو، آخر ۾ محمد امين سومرو ۽ شبن ڪوڪر استاد غلام مصطفي خاصخيلي جا ٿورا مڃيندي چيو ته اسان هن اسڪول جي هيڊ ماستر جا تمام گهڻو شڪر گذار آهيون. جن اسان جي مان ۾ شاندار تقريب منعقد ڪري عزت ۽ مان ڏنو.

بقايا 25

ماڊل ڪميونٽي سينٽر، لنڪ روڊ ۽ ڪرڪيٽ گرائونڊ جو دورو ڪيو. دوري دوران ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو هلندڙ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ، مجيد ڪالوني ۾ تعمير ٿيندڙ ماڊل ڪميونٽي سينٽر مهراڻ هائي وي کي ڪوسٽل هائي وي سان ملائيندڙ لنڪ روڊ ۽ برساتي نالي سميت ريڙهي ڳوٺ لڳ تعمير ٿيندڙ ڪرڪيٽ گرائونڊ جي تعميراتي ڪم جو جائزو ورتو ڪلڪ جي آفيسرن ۽ ڪانٽريڪٽر کي هدايات ڪيون ته ڪم جي ڪوالٽي ۽ معيار کي بهتر بڻايو وڃي ڪلڪ جي آفيسرن پاران ٽائون چيئرمين کي ترقياتي اسڪيمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مجيد ڪالوني ۾ نئون تعمير ٿيندڙ ڪميونٽي سينٽر پنهنجي نوعيت جو هڪ شاندار ۽ ماڊل ڪميونٽي سينٽر تعمير ٿي رهيو آهي جنهن ۾ بزرگ شهرين لاءِ لفٽ پڻ لڳائي پئي وڃي.

بقايا 26

ويندڙ ڪار سوارن کي روڪرائي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 4 عدد موبائل فونيون هزارين روپيا روڪ رقم ڦر ڪري فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا جڏهن ڦر واقعي خلاف ڪنڌڪوٽ واسي متاثرين محمد محبوب اعوان عرفان چاچڙ محبوب احمد اعوان ۽ ڪار ڊرائيور ميڊيا سامهون احتجاج ڪندي ڏانهنڊي ٻڌايو ته سکر کان ڪنڌڪوٽ وڃي رهيا هئاسي ته ڌوهارين ڪار کي روڪرائي اسان کي ڪار مان لاهي هزارين روپيا روڪ رقم ۽چار عدد موبائل فونيون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا اسان واقعي جي اطلاع بروقت رستم ۽ فيضو پوليس کي ڏني جيڪا دير سان پهتي انهن چيو ته پوليس جي نااهلي سبب لٽ ڦر جا واقعا ٿيڻ معمول بڻيل آهي ڪئي مسافر ماڻهو محفوظ ناهي پوليس پڪٽ تي ويٺل پوليس اهلڪار اسان جي لٽجڻ جو تماشو ڏسن پيا ڪوئي پوليس وارو اسان ڏي وارادات دران لڙي بي نه آيو انهن چيو ته پوليس پڪٽ جو ڪو فائدو ناهي پوليس جي رٽ بلڪا ختم ٿي وئي آهي متاثرين ايس ايس پي شڪارپور ۽ اعلي اختيارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦر جو نوٽس وٺي واقعي ۾ ملوث ڌوهارين کي گرفتار ڪري امن امان بحال ڪيو وڃي بي پاسي رستم پوليس ميڊيا جي رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڪار سوارن کان ڦر جي واقعي جي اطلاع ملي آهي ٻڌايو ويو آهي ته ڌوهاري ڪار کي روڪرائڻ پيا ته ڪر ٽريڪٽر ٽالي سان معمول طورتڪرائيجي وئي جيهنجي ڪري جي نقصان ٿيو آهي واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون

بقايا 27

علائقي شهباز پيٽرول پمپ جي ويجهو فلڪ ناز سوسائٽي ۾ پنهنجي گهر طرف وڃڻ لاءِ قومي شاهراهه ڪراس ڪري رهيو هو ته ان دوران گهگهر ڦاٽڪ کان رزاق آباد تائين 6 کان وڌيڪ موٽر سائيڪل سوار نوجوان ريس لڳائي رهيا هئا ته ان دوران شهباز پيٽرول پمپ جي ويجهو فلڪ ناز سوسائٽي سامهون قومي شاهراهه ڪراس ڪندي هڪ تيز رفتار موٽر سائيڪل سوار نوجوان فضل قريشي سان ٽڪرائجي ويو جنهن سبب فضل قريشي جي ايڪسيڊنٽ جي دوران جنگهه ٽٽي وئي جڏهن ته تيز رفتار موٽر سائيڪل سوار حادثي جي دوران فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ٻئي طرف علائقي واسين موجب اسٽيل ٽائون جي علائقي گهگهر ڦاٽڪ کان وٺي رزاق آباد تائين 12 کان وڌيڪ موٽر سائيڪل سوار جيڪي ريس لڳائڻ جي لاءِ جوا ڪيڏندا آهن ۽ خطرناڪ ڪرتب ڏيکاريندا آهن جنهن جي خلاف ضلعي جي پوليس ۽ ٽريفڪ ڪاروائي ڪرڻ کان گريز ڪندي آهي ۽ ان دوران ڪيترن ئي تيز رفتار ۽ ريس لڳائيندڙ موٽر سائيڪل سوارن جي زد ۾ ڪيترائي شهري زخمي ۽ مارجي ويندا آهن پر ٽريفڪ پوليس سميت ضلعي جي پوليس ڪا به ڪاروائي ناهي ڪندي ۽ جيڪڏهن غلطي سان ڪو پڪڙجي وڃي ٿو ته ان سان لين دين ڪري ڇڏي ڏيندا آهن جنهن سبب آئي ڏينهن روز اهڙا حادثا پيش ايندا رهندا آهن.

بقايا 28

سگهيو. انتظاميا طرفان ايل پي جي گئس جا دڪان بند ڪرائڻ باوجود باثر دڪاندار سرعام وڪرو ڪري رهيا آهن. انتظاميا باخبر هوندي به ڪاروائي کان لوڙڻ لڳي. جڏهن ته نيوسعيدآباد جي وچ شهر ريلوي اسٽيشن پڻ اسسٽنٽ مختيارڪار پاران دڪان سيل ڪرائڻ باوجود باثر دڪاندار پاران لڪ چپ ۾ ايل پي جي گئس جو وڪرو جاري آهي، جڏهن ته آبادي جي وچ ۾ ايل پي جي گئس جو وڪرو ڪيڏي مهل به وڏي نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿو سڄي صورتحال کان انتظاميا باخبر هوندي به ڪلٽي چوٽ ڏئي ڇڏي آهي، سڄاڳ ڊرين پاران ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي ڊپٽي ڪمشنر متياريءَ کان نوٽيس وٺي انسانن لاءِ هاڃيڪار ايل پي جي گئس جو شهري آبادي مان وڪرو فوري طور بند ڪرائي ۽ وڪرو ڪندڙ دڪاندارن خلاف قانوني ڪاروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 29

سان گڏجي پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن عورت حضوران ڪوڪر پنهنجي پاڻيائي سرور خاتون، پاڻيچي نورجهان، پوٽي عزيز الله ۽ پوٽي راحيلا ڪوڪر سان گڏجي ميڊيا آڏو ڏانهنيندي الزام لڳايو ته گذريل ڀهرين فيبروري تي نئون ديرو ٿاڻي سميت مختلف ٿاڻن جي پوليس ليڊيز پوليس کي ساڻ ڪري بيگناهه اسان جي گهر تي چڙهائي ڪندي مون سميت منهنجي پوٽي مزمل، ڌيءُ ميران، ڏهتين عروسه ۽ بختاور کي گرفتار ڪرڻ سان گڏ ٻه مينهون، 3 مينهن جا ڦر، 5 موٽرسائيڪلون ۽ 5 موبائيل فونون کڻي ويا، جنهن بعد 3 ڏينهن کان پوءِ پوليس مون کي آزاد ڪيو. جڏهن ته پوليس پٽ، پوٽي، نياڻي ۽ ڏهتين کي نامعلوم هنڌ تي گم ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي شڪايتون اسان ڪيترائي ڀيرا ايس ايس پي آفيس پهچي ڪيون آهن. پر اسان جي دانهن ڪوبه نه ٿو ٻڌي، جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ سميت لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪنهي گم ڪيل پٽ، پوٽي، نياڻي ۽ ڏهتين کي آزاد ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 30

راڻي بينظير ڀٽو جي 17 ورسي تقريب شهيد شاهجهان قريشي يادگار ڪاميٽي طرفان دادو جي ضلع ڪائونسل هال ۾ ملهائي وئي ورسي تقريب ۾ صدارتي مهمان اديب شاعر خليل عارف سومرو ۽ خاص مهمانن ۾ اديب شاعر وزير فرهاد. سينئر صحافي دادو پريس ڪلب جو اڳوڻو صدر ولي چانڊيو، غوث جهتيال، وفا ياسين آرائين هئا. تقريب ۾ سول سوسائٽي جي نمائندن. شاعرن، اديبن، صحافين. شهيد جي وارثن لالا عبدالستار قريشي، محمد اسلم قريشي، شهريار قريشي، شاهزيب قريشي، سماجي اڳواڻ محمد بخش ڪورائي، ساجد مستوئي، تابش بخاري، قادر سنڌي، رجب آزاد سولنگي، راجه رفيق پنهور، غلام مصطفيٰ بروهي، عمران سومرو، جيتو جمالي، عاشق دادوي، عبدالشڪور چارڻ، سجاد يوسف، راهب جمالي، علي گل چنڙ، ضمير ڪوريجو زخمي حاجن چارڻ، روح رڪنٽائي، ڊاڪٽر ناز ڪاظمي، مشتاق چنڙ، اياز سيفي، علي گوهر سومرو سميت مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ اڳواڻن شرڪت ڪئي، ورسي تقريب ۾ اڳواڻن شهيد شاهجهان قريشي کي لفظن جي پيتا پيش ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي جي تاريخ شهيدن ۽ شهادت سان ڀري پئي آهي ڀٽو خاندان عوام لاءِ پنهنجي جانين جو قربانيون ڏنيون

بقايا 31

حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ته ٻه فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس موجب زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار وٽان هڪ ٽي ٽي پسٽول، گوليون ۽ سي ڊي 70 موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي. پوليس موجب پوليس جو ڌوهارين سان هڪ ٻيو مقابلو دڙو_ٻيلو روڊ تي ٿيو، جنهن ۾ پوليس گشت ڪري رهي هئي ته سامهون ايندڙ موٽرسائيڪل کي روڪڻ جو اشارو ڪيو ته جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني، جنهن تي پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ موٽر سائيڪل سوار ٻه جوابدار زخمي ٿي پيا جن جي سڃاڻپ ياسين ۽ طيب جت جي نالي سان ٿي. پوليس موجب جوابدارن وٽان هڪ ون ٽو فائيو موٽرسائيڪل، 2 ڪارتوسي پسٽول ۽ ڪارتوس هٿ ڪيا ويا آهن. پوليس موجب زخمي حالت ۾ ٽنهي جوابدارن مٿان ضلعي سجاول جي مختلف ٿاڻن تي ڌوهه سميت ٻيا مختلف 15 کان وڌيڪ ڪيس داخل ٿيل آهن. پوليس پاران ٽنهي گرفتار ٿيل زخمي جوابدارن کي علاج لاءِ سول اسپتال سجاول منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 32

رائيٽس جي آفيس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڪراچي سميت سموري سنڌ مسئلن جو شڪار آهي حڪومت کي ڌيان ڏيڻ گهرجي، هن چيو ته ڪراچي ۾ اسان جو علائقو ابراهيم حيدري ٽائون ۽ يوسي 2 شاهه لطيف ٽائون جو عوام به بنيادي سهولتن کان محروم آهي جڏهن ته اتي ٽائون انتظاميا غير قانوني طور تي مختلف ٽيڪس وٺڻ شروع ڪيا آهن،صفائي، پاڻي، روڊ رستا ۽ ڊرينيج جي حالت خراب آهي هر هنڌ ڪچري جا ڍير لڳل آهن ڊرينيج سسٽم ته مڪمل طور تي تباهه ٿيل آهي جنهن جي ڪري گهٽيون گندي پاڻي جي تلاءَ جو ڏيک ڏئي رهيا آهن روڊ رستا ٽٽل ڦٽل آهن جنهن ڪري حادثا به روز جو معمول بڻجي ويا آهن. قبرستان جي سهولت موجود نه آهي، ڪا به سرڪاري قبرستان علائقي ۾ نه آهي جنهن جي ڪري رهواسي لاش دفنائڻ لاءِ پري پري وڃڻ تي مجبور هوندا آهن عوام تمام گهڻو پريشان آهي، هن چيو ته ملڪ اندر ٽيڪس ته آهن مگر سهولتون نه آهن ابراهيم حيدري ٽائون پراپرٽي ٽيڪس، ٽريڊ ٽيڪس، بزنس ٽيڪس، پاڻي ۽ نڪاسي آب چارجز پارڪنگ فيس ۽ صفائي ٽيڪس سميت ٻيا ٽيڪس ۽ فيس وصول ڪيا پيا وڃن ان جي بدلي سهولت ڪا به نه آهي ڪوڪر به نه ٿي رهيو آهي اسان هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي پليٽ فارم تان ميئر ڪراچي، ڪمشنر ڪراچي ۽ ٻين اعلا اختيارين کي شڪايت به نوٽ ڪرائي آهي ۽ اسان جو مطالبو آهي ته غير قانوني ٽيڪس جي اوڳاڙي بند ڪئي وڃي.

بقايا 33

موقعي تي مظاهرين امير ضلع مولانا شعيب حسين عباسي، عبدالرحيم لغاري، مير مرتضي ڪوسو، مولانا غلام قادر، حڪيم عبيد الله. جمال الدين چنو، مولانا ابوبڪر عباسي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اندر لاقانونيت جو راڄ لڳو پيو آهي سسٽم ذريعي ڌوهارين حوالي ٿاڻا ڪيا ويا آهن هنن چيو ته بدامني جو راڄ لڳو پيو آهي سماجي برائيون عروج تي هلندڙ آهن , منشيات جو وڪرو عام واهپي جي شين وانگر سرعام ملي پيو نشي جي لعنت سبب ڪيترائي ويڙها ويران ٿي ويا آهن ۽ پوليس اگهور ننڊ ستل آهي, مظاهرين وڌيڪ چيو ته هٽ وٺي شهدادپور سميت ضلع سانگهڙ جو ماحول خراب ڪيو ويو آهي، ٿاڻا وڏيرن ۽ ڌوهارين حوالي هجڻ ڪري شهري توڙي ڳوٺاڻا عذابن جو شڪار بڻيل آهن. هنن چيو ته سنڌ حڪومت جي نااهلي ۽ وفاقي حڪومت جي بيوسي ڪري ايترا مسئلا جنم وٺي رهيا آهن هنن چتاءُ ڏنو ته ڏوهن سماجي برائين تي ڪنٽرول نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين

بقايا 34

فت ڪئمپ لڳائي وئي ڪئمپ ۾ آسپاس جي مختلف شهرن توڙي ڳوٺن مان سوين عورتن ۽ مردن جا آپريشن ڪيا ويا آيل مريضن کي لينسز سان گڏ دوائون پڻ ڏنيون ويون جڏهن ته هن ڪئمپ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن توڙي آسپاس جي ڳوٺن کان هزارين مريض اکين جو آپريشن ڪرائڻ لاءِ پهتا ان موقعي تي ڪئمپ جي اڳواڻن منير احمد ميمڻ اعجاز مماڻي محمد علي سانول ميمڻ صابر حسين عرفان رضا ميمڻ حاجي اعجاز سولنگي ۽ ٻين چيو ته هرسال جيان هيءَ ڪئمپ زور شور سان جاري آهي گذريل 26 سالن کان هي سلسلو جاري آهي جنهن ۾ اکين جي مرض ۾ مبتلا مريضن کي نور جهڙي روشني ڏني پئي وڃي هن مهل تائين هزارين ماڻهو فائدو وٺي چڪا آهن هن ڪئمپ ۾ نوشهرو فيروز سميت خيرپور نوابشاهه دادو ۽ لاڙڪاڻي جا به مريض آپريشن ڪرائي چڪا آهن هن مهل تائين 700 مريضن جا آپريشن ٿي چڪا آهن جڏهن ته سڀاڻي آچر تي پڻ ڪئمپ جاري رهندي

بقايا 35

الدين واني سنڌ صوبي طرفان عالمي بينڪ جا 4 ارب 10 ڪروڙ روپين جا فنڊ کڻي ۽ ڪيئن خرچ ڪيا انهي بابت ريورٽ گهري ورتي. وفاقي تعليم واري سيڪريٽري ڏانهن صوبائي سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي کي لکيل خط ۾ وفاقي سيڪريٽري چيو آهي ته وفاقي حڪومت اسپائر تي عمل ڪري رهي آهي جنهن کي عالمي بينڪ جي مالي مدد سان تعاون حاصل آهي انهي جي ٽوٽل رقم 200 ملين آمريڪي ڊالر آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته مالي سال 2023_24 جي تازي آڊٽ دوران. وفاقي آڊٽ ٽيم صوبن طرفان آڊٽ ريورٽ جمع نه ڪرائڻ جي حوالي سان خلشن جو اظهار ڪيو جنهن سان پروگرام جي احتساب ۽ وسيلن جي بهتر طريقي سان استعمال کي هٿي ڏيڻ جي انهي مقصد کي نقصان پهچائڻ آهي. انهي حوالي سان انهي ڳڻتي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڀيرا ياد ڏهانيون اماڻيون ويون آهن پر انهي حوالي سان اڃان تائين ڪوبه تسلي جوڳو جواب نه مليو آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته اسپائر پروگرام صوبن کي فنڊز جو 90 سيڪڙو حصو مقرر ڪري ٿو جيڪو پروگرام جي ڪامياب ڪرڻ ۾ انهي جي اهم ڪردار کي نمايان ڪري ٿو ۽ صرف 10 سيڪڙو فنڊز وفاقي سطح تي پروگرام جي سرگرمين جي لاءِ مقرر ڪيا ويندا آهن. هتي اهو به ٻڌائڻ مناسب آهي ته پروگرام جي شروعات کان ٿي وفاقي سطح تي باقاعده آڊٽ ڪيا ويندا آهن.

بقايا 36

جو پيرسن رٽائرڊ ماستر هادي حسن جکرو زخمن جا سور نه سهندي ٽراما سينٽر ۾ فوت ٿي ويو جنهن جو لاش وارثن ايمبولينس ۾ کڻائي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري ۽ نئون ديرو پوليس خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي مقتول پيرسن رٽائرڊ ماستر جي پاڻرن نور احمد ۽ طفيل احمد جکرو پنهنجي پٽن غلام مصطفيٰ جکرو، وقار احمد جکرو، پاڻيچي دلشاد ۽ ٻين سان گڏجي ڏانهنيندي الزام لڳايو ته گذريل خميس ڏينهن ابل شاهاڻي پنهنجي پاڻرن ۽ 4 نامعلوم ساٿين سان گڏجي اسان جي رٽائرڊ ماستر پاءِ هادي حسن جي پلاٽ تي لڳل نلڪي جي مشين پٽي کڻي ويا بعد ۾ ابل شاهاڻي جي امڙ حسينہ خاتون شاهاڻي ميڙ کڻي آئي جن کي اسان جي پاءِ بخش ڪري ڇڏيو پر ان جي باوجود ابل شاهاڻي وارن اڳرائي ڪري پنهنجي پاڻرن سڄڻ شاهاڻي، دلبر شاهاڻي ۽ 4 نامعلوم ساٿين سان گڏجي گهر ۾ گهڙي پاءِ هادي حسن کي ڪنڌاق، ڏنڊا ۽ ڪهاڙين جا وار ڪري مرڻينگ ڪري عورتن ۽ ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻائي ڌمڪيون ڏئي فرار ٿي ويا بعد ۾ اسان پنهنجي پاءِ کي لاڙڪاڻي جي ٽراما سينٽر داخل ڪرائي جيڪو اڄ لاڙڪاڻي جي ٽراما سينٽر ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته نئون ديرو ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ وياسين پر پوليس ڪيس داخل ڪرائڻ بجاءِ ويٽر اسان مٿان جهيڙي جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري حراسان ڪري رهي آهي، هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته پاءِ جي قتل جو ڪيس داخل ڪري قاتلن ۽ پوليس خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا 37

پوليس پورهيت نگر علي سهرياڻي کي ڌاڙيل جي قيد مان آزاد نه ٿيو جيجل امڙ ۽ پيرسن پي معصوم ٻارڙن سميت سنڌن جي بازيابي لاءِ پاڪ ڪتاب کڻي اعلي اختيارين کان مدد جي اپيل. ڪنڌڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد داتود خان پل وٽان 5 ڏهاڙا اڳ ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿيل پورهيت نگر علي سهرياڻي کي ضلعي جي پوليس ڌوهارين جي قيد مان بازياب نه ڪرائي سگهي، پيرسن والد جيجل امڙ ۽ معصوم ٻارڙن جو نگر علي سهرياڻي جي بازيابي لاءِ پاڪ ڪتاب کڻي مدد جي اپيل ڪندي چيو ته 5 ڏهاڙا گذاري ويا آهن هن مهل تائين اسان ڏئي ايس ايس پي لڙي نه آيو آهي اسين مسڪين غريب روز ڪمائي پيٽ پاليون ٿا، جڏهن کان منهنجو پٽ اغوا ٿيو آهي ان ڏينهن کان وٺي گهر ۾ روڄ راڙو ڪهرام متل آهي، اسين ڪي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي ڪشمور زبير نظير شيخ مغوي کي بازياب نه ڪرائي سگهي اسين هن پاڪ ڪتاب جي صدقي اعلي اختيارين کان مدد جي اپيل ٿا ڪريون ته ڌاڙيلن جي قيد مان پورهيت نگر علي سهرياڻي کي بحفاظت بازياب ڪرائي اسان جي بيچيني ختم ڪرائي وڃي.

بقايا 38

سيڪريٽري محمد يوسف چيو آهي ته 16 فيبروري تي شڪارپور ڪنڌن باءِ پاس تي ڌاڙيل راڄ ۽ سنڌو مان ڇهه نوان ڪينال ڪڍڻ خلاف تاريخي ڌرڻو هنيو ويندو عوام ڌرڻي ۾ ڀرپور شرڪت ڪري ڌاڙيل راڄ ۽ نااهل حڪمرانن خلاف پنهنجي هئڻ جو ثبوت ڏي، حڪومت طاقت جي زور تي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته اسان جو احتجاج "سنڌ حڪومت هٽايو تحريڪ" ۾ تبديل ٿي ويندو، حڪمران هوش کان ڪم وٺن ۽ عوام کي ڌاڙيل راڄ کان نجات ڏيارڻ توڙي سنڌوءَ مان نوان ڪينال ڪڍڻ خلاف سنجيده قدم کڻن، سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ ۽ بي امني جي انتها ٿي وئي آهي، پوليس ۽ رياستي ادارا رهزنن اڳيان بي وس نظر اچي رهيا آهن.

بقايا 39

ٻگهيو پاران يونين ڪائونسل ملدسي جي بهترين استاد سائين شيرمحمد لاڪو جي سروس مڪمل ٿيڻ تي کيس مانائتو الوداعي استقباليہ ڏنو ويو جنهن ۾ چيف گيسٽ طور سينئر تعليمي ماهر ، مرڪون ۽ محبتون ورهائيندڙ بهترين استاد، هاءِ اسڪول ڪيمپس ميرحسن مري جي سينئر هيڊ ماستر سائين حيدر بخش نظاماڻي شرڪت ڪئي اعزازي مهمانن ۾ پ ٽ الف رهنما سر نظر علي نائچ، سر نديم احمد نائچ ،سر عطا محمد خاصخيلي،سر علي حسن پنهور، سر ولي محمد رنگ ,جن هئا ان موقعي تي ايس ايم سي چيئرمين حاجي غلام عباس ٻگهيو، سائين شفيع محمد ٻگهيو، مولانا حافظ افضل ٻگهيو، جي قيادت ۾ آيل مهمانن کي اجرڪن لونگين جا تحفا پيش ڪندي گلن جا هار پڻ پارايا ويا انموقعي تي سائين شير محمد لاڪو جي ڪيل خلمتن تي پيتا ڏيندي سائين شير محمد جن کي بهترين استاد جو درجو ڏئي ڪيس داد ڏنو ويو

بقايا 40

ڪم شروع. سکر ۾ ٿليسيميا اسڪريننگ بيسڪ قائم ڪري افتتاحي تقريب ڪوٺائي وئي، ڊي جي نادرا سکر عامر علي پاران بريفنگ ڏني وئي تقريب ۾ ايم اين اي سيد خورشيد احمد شاهه، ڪمشنر سکر، ڊي جي نادرا سکر مهمان طور شرڪت ڪئي.ڊي جي نادرا سکر چيو ته سکر ۾ صحت بابت نئين سهولت، ٿليسيميا اسڪريننگ بيسڪ جو افتتاح فائيدمند ثابت ٿيندو نادرا آفيس سکر ۾ افتتاحي تقريب، اعزازي مهمانن ڪمشنر سکر فياض حسين عباسي ۽ عامر علي خان جو چوڻ هو ته شهرين کي وڌيڪ سهولت ملندي سنڌ بلڊ ٽرانسفيوشن اٿارٽي جو صحت لاءِ وڏو قدم آهي، نئين سهولت سان آساني ٿيندي ٿليسيميا جي روڪٿام لاءِ اهم قدم هوندواسڪريننگ بيسڪ قائم ٿي چڪي آهي، ٿليسيميا اسڪريننگ بيسڪ قائم ڪرڻ جو بنيادي مقصد عوام ۾ ٿليسيميا جي بروقت تشخيص، روڪٿام، ۽ آگاهي پيدا ڪرڻ آهي هن بيسڪ ذريعي شادي کان اڳ ۽ عام صحت جي جائزي لاءِ ٿليسيميا ٽيسٽ ڪرڻ جي سهولت فراهم ڪئي ويندي، جيئن امڪاني مريضن جي سڃاڻپ ڪري سگهجي ۽ انهن کي مناسب صلاحون مهيا ڪري سگهجن ڪيترائي ماڻهو ٿليسيميا جي باري ۾ ڄاڻ نه ٿا رکن هي بيسڪ ٿليسيميا جي سببن ان جي منتقلي ۽ ان جي روڪٿام بابت ڄاڻ فراهم ڪندي ته جيئن معاشري ۾ ان بيماري کي گهٽائي سگهجي. شادي کان اڳ جي اسڪريننگ کي فروغ ڏيڻ شامل آهي ٿليسيميا جي منتقلي والدين کان ٻارن ۾ ٿيندي آهي، تنهنڪري شادي کان اڳ جو بلڊ ٽيسٽ لازمي هجڻ گهرجي. هي بيسڪ نوجوانن کي ان لاءِ رهنمائي ڪندي ته جيئن ٿليسيميا جي شرح کي گهٽائي سگهجي.

بقايا 01

محفل آستانه دادو تي منعقد ڪئي وئي. ان موقعي تي امير دادو ڪامران ملڪ خطاب ڪندي چيو ته حضرت قلندر لعل شهباز رح. سنڌ جا عظيم روحاني صوفي بزرگ آهن. اولياء الله جي تعليمات تي عمل ڪرڻ سان دنيا ۽ آخرت جي حقيقي ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي. انجمن سرفروشان اسلام جو پيغام ڏئي رهي آهي ته هر وقت پنهنجي دل جي ڌڙڪنن سان هر وقت الله پاڪ جو ذڪر ڪيو نماز قائم ڪريو ۽ درود پاڪ ڪثرت سان پڙهندا ڪيو. امير دادو ڪامران ملڪ ضلع دادو جي لاءِ نئي ڪابينا جو اعلان ڪيو ۽ حلف کڻايو. انجمن سرفروشان اسلام ضلع دادو جي لاءِ سينئر نائب امير عبدالڪريم جمالي، نائب امير بشير احمد چانڊيو، نشر و اشاعت عبدالقادر چنه ماليات ثاقب چنه آستانه انچارج فهيم لانگاه سميت غلام رسول سولنگي، نور نبي سولنگي، شڪل مغل، وحيد شيخ، سڪندر سيال، شاهزيب ٽگو کي ضلعي ڪابينا ۾ شامل ڪيو ويو.

بقايا 02

بنجر بڻائڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ جو پيادل مارچ ڇهين ڏينهن پانڊي شاخ ميرواه گورچاڻي کان شروع ٿيو جنهن جو جيمس آباد موڙ، گدو روڊ، ٻيلهاڙو شاخ، بابو ڳوٺ ۽ سمن ڳوٺ سميت ننڍن وڏن اسٽاپن تي سوين ڳوٺاڻن گلن ۽ اجرڪن سان شاندار استقبال ڪيو. مارچ جي اڳواڻي قومي عوامي تحريڪ مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو، انور نوحاڻي، ضلعي صدر شوڪت نوحاڻي، مجيد ٻگهيو، ڪامريڊ ڪرڻ ريباري، راجيش ڪمار، الطاف لغاري، خادم سمون، رب ڏنو ملڪ، صديق اوٺو، انور فوجي، مقصود پرڳڙي، رازو ڪولهي ۽ ٻين ڪئي. مارچ اڄ ستين ڏينهن قومي عوامي تحريڪ جي سربراه اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ هزارين ماڻهن سان سمن ڳوٺ کان ميرپورخاص پريس ڪلب پهچندو. پيادل مارچ کي مختلف هنڌن تي خطاب ڪندي قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجي چيو ته سنڌو درياه ۾ پاڻي ناهي. پٽي صاحب جي دور ۾ چشما جهلم ۽ تونسا ڪئنال ٺاهيا ويا.

بقايا 03

منعقد ڪيو ويو. جنهن پروگرام جو مقصد شاگرديائين جي ذهني ۽ جسماني سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ سميت انهن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ صحت مند ماحول کي هٿي وٺرائڻ هيو. جڏهن ته هن تقريب ۾ مختلف تعليمي ادارن گورنمينٽ ووڪيشنل اسڪول شاه آباد، ماهوٽا ۽ ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر لاڙڪاڻو جي شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري بيڊمنٽن، ريس ۾ ڀرپور حصو ورتو. جڏهن ته مقابلي دوران شاگرديائين جو جوش ۽ جذبو ڏسڻ وٽان هو. جتي هر ٽيم ڪاميابي لاءِ پنهنجي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري رهي هئي.

بقايا 04

جا ڦڙا پيئاري ويڪسينيشن جي عمل جو جائزو ورتو. صحت کاتي جي آفيسرن کي پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ توڙي ليڊي هيلٿ ورڪرز کي سموريون سهولتون فراهم ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ڊپٽي ڪمشنر ملير سليم الله اوڊو پوليو مهم جي حوالي سان ڳالهائيندي والدين کي اپيل ڪئي ته پنهنجي ٻارن کي پوليو جا ٻه قطرا پيئاريو ۽ موضي مرض کان بچايو هن چيو ته پوليو موضي مرض آهي جنهن جي خاتمي تائين جنگ جاري رهندي ڊي سي ملير سليم الله اوڊو وڌيڪ چيو ته اسانجو عزم آهي انسداد پوليو مهم جي ڪاميابي لاءِ ڪردار ادا ڪيون پوليو جي ٽيمن جي ڪم کي ساراهيون ٿا سنڌن سيڪيورٽي جي حوالي سان سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن

بقايا 05

جي سنڌ تي08 فيبروري 2024 تي ٿيندڙ چونڊن ۾ تاريخي ڌانڌلين خلاف جماعت اسلامي سنڌ پاران ڪراچي کان ڪشمور تائين احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا.

بقايا 06

ڳولا باوجود هٿ نه اچي ويو.نصرت ڪينال جو سپورٽ واريون ديوارون زبون حال هجڻ سبب حادثو پيش آيو.ٻڏي فوت ٿيل نوجوان جي امڙ اطلاع تي واقعي هنڌ پهچي صدمي ۾ واه ۾ ٽپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته شهرين ۽ وارثن ڪيس بچائي ورتو جڏهن ته واقعي واري هنڌ ڪو به چونڊيل نمائندو توڙي ضلعي انتظاميه طرفان ڪامورو نه پهتو.ٻن ضلعن چار ضلعن کي ملائيندڙ نصرت ڪينال جي پل تي وارثن ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو پنج ڪلاڪ تائين ڌرڻو جاري رهيو جڏهن ته آخري اطلاعن تائين پورهيت جو لاش هٿ نه اچي سگهيو.تفصيل موجب پرياروڊ نصرت ڪينال سدواه ۾ ٻه پورهيت ٻڏي ويا هڪ جٽي ڏيشان عرف شيري ملڪ کي مقامي ترين بچائي ورتو جڏهن ته ڏيشان عرف ڪوڙل پٽو هٿ نه اچي سگهيو وارثن پاران ڳولا جاري ٻڏي ويل نوجوان جي وارثن حنيف پٽو حمزه پٽو جاويد پٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نصرت ڪينال پل روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو هنن چيو ته هن مهل تائين ڪو به چونڊيل نمائندو توڙي ضلعي انتظاميه نه پهتي آهي آبپاشي عملدارن جي نااهلي سبب پل جون ديواريون زبون حال هجڻ ڪري حادثه روز جو معمول بڻيل آهن ۽ پل ڪمزور هجڻ ڪري ديوارون ڪري پيون آهن آبپاشي عملدارن سميت ٻين کي لکيو آهي پر ڪير به تدارڪ ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جڏهن ته ڌرڻي سبب ٻنهي پاسن کان سوين گاڏيون بيهي ويون ٻڏي ويل نوجوان جي امڙ مسمات خيران اطلاع تي نصرت ڪينال پهتي جيڪا پٽ جي صدمي ۾ سدواه ۾ ٽپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته وارثن ۽ مقامي ماڻهن بچائي ورتو هنن وس وارن کي اپيل ڪندي چيو ته ٻڏي ويل نوجوان جي ڳولا ۾ مدد ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين ٻڏي ويل نوجوان هٿ نه اچي سگهيو

بقايا 07

رڙين تي علائقي واسين ڪيس پاڻي جي ٽينڪ مان ٻاهر ڪڍيو ۽ عوامي پريس ڪلب جي صحافين کي اطلاع ڪيو جن فوري طور تي پهچي معاملي جي ڪوريج ڪئي ۽ لاڳاپيل ڪڏاپ ٽائون جي عملي سان رابطو ڪيو جنهن کان پوءِ انتظاميا حرڪت ۾ اچي ٽينڪ مان سمورو پاڻي ڪڍي صفائي جي عمل جي شروعات ڪئي جڏهن پاڻي ٽينڪ مان ڪڍيو ويو ته عوام کي پيئڻ لاءِ ملندڙ پاڻي جو رنگ تبديل ٿيندو گٽر جي گندي ۽ بدبودار ڪاري پاڻي جي صورت اختيار ڪري ويو معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته ٽينڪ جي ڪيترن ئي سالن کان صفائي نه ٿي آهي جنهن سبب ان ۾ موجود پاڻي گٽر جي پاڻي ۾ تبديل ٿي چڪو آهي جيڪو عوام لاءِ سخت پريشاني جو سبب بڻيون ٽينڪ ۾ صفائي نه ٿيڻ سبب عوام کي صاف پاڻي فراهم ڪرڻ ۾ مشڪلاتون پيدا ٿي رهيون هيون ۽ عوام جي صحت لاءِ تمام گهڻو نقصان ڪار آهي عوام پاران ان صورتحال تي سخت افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ان کي پنهنجي روزاني زندگي ۽ صحت جي لحاظ سان وڏو مسئلو قرار ڏنو علائقي واسين عوامي پريس ڪلب ملير جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ بهتر عمل آهي جنهن سان عوامي مسئلن کي تڪڙي حل ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي

بقايا 08

پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي پاڻ جي ساهورن جي ظلم ۽ ڌمڪين کان تحفظ ڪيو وڃي. هن چيو ته منهنجي ننڍي ڀاءُ گلزار جي علي نواز ۽ واجد ڪلهوڙو وارن سان مائٽي ٿيل آهي جن جي منهنجي ڀاءُ سان مائٽي ختم ڪرڻ جي مامري تي چڪتاڻ هلندي رهي جنهن تان علي نواز ۽ واجد ڪلهوڙو وارن منهنجي گهر ۾ گهري مون کي مارڪٽ ڪري زخمي ڪيو جنهن جو ڪيس مون ٿاڻي تي داخل ڪرايو آهي جنهن تان هٿ ڪڍڻ لاءِ مونکي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جڏهن ته جوابدار ڪيس ۾ روپوش آهن.

بقايا 09

۾ ٿي گذريو جنهن ۾ پارٽي اڳواڻن سيد اسلم شاه دلمراد جتوئي، برڪت مير جت،عيدن جتوئي، جاويد حاجاڻو سعيد سومرو، طارق مهر، زاهد چوهان منصور پٽو نياز احمد پٽو ديدار حسين پٽو اعجاز احمد ابڙو عبدالوحيد، عبدالواحد پٽو ڪامران پٽو شهزاد پٽو عبدالشڪور پٽو منور پٽو سميت ضلع جي مختلف علائقن مان وڏي تعداد ۾ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ 20 فيبروري تي جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ سکر ۾ لڳندڙ ڌرڻي جي ڪاميابي لاءِ صلاح مشورا ڪيا ويا. ان موقعي تي پ پ شهيد ڀٽو جي مرڪزي اڳواڻ عنايت علي عمراڻي، اسلم شاه دلمراد جتوئي، برڪت ميرجت جاويد حاجاڻو، سعيد سومرو، طارق مهر، منصور پٽو ديدار پٽو نياز پٽو جو چوڻ هيو ته جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو سياسي ميدان ۾ عمل پيرا آهي جنهن جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌوءَ دريا جي بقا لاءِ سکر ۾ لڳندڙ ڌرڻو تاريخي هوندو عوام کي سکر ۾ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي اڳواڻيءَ ۾ لڳندڙ ڌرڻي ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪجي ٿي.

بقايا 10

مڪمل ٿيڻ تي اڄ سڄي ملڪ ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو پيو وڃي، جنهن تحت مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ٿي رهيا آهن. پنجاب ۾ قلم 144 لاڳو هئڻ باوجود پي ٽي آءِ ڪارڪنن طرفان مختلف علائقن ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته صوابي ۾ تحريڪ انصاف طرفان جلسو به ڪوٺايو ويو آهي. ملتان ۾ قلم 144 جي ڀڃڪڙي تي پوليس پي ٽي آءِ اڳواڻ شاه محمود قريشي جي نياڻي مهربانو قريشي، اڳوڻي ايم اين اي زاهد بهار هاشمي ۽ دلير مهار کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب، ڪين پل ڇتا وٽان گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته ريلي ڪڍڻ تي پي ٽي آءِ جا 10 کان وڌيڪ ڪارڪن به گرفتار ڪيا ويا مظفرآباد ۾ به پي ٽي آءِ ڪارڪنن آزادي چوڪ تي احتجاج جي ڪوشش ڪئي، جنهن دوران ڪيترائي ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا. آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي جي مخالف ڌر جي اڳواڻ خواجه فاروق پوليس جي گرفتاري کان بچڻ لاءِ فرار ٿي ويو اطلاعن موجب، پوليس خواجه فاروق کي پنهنجي گاڏي ۾ بدران هڪ ڪارڪن جي گاڏي ۾ ويهاريو جتان ڊرائيور پوليس جي سوار ٿيڻ کان اڳ ئي گاڏي ڀڄائي ڇڏي، جڏهن ته پوليس پويان ڊوڙندي رهي. ان ڪانپوءِ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مظفرآباد تصديق ڪئي ته پوليس خواجه فاروق کي گرفتار ڪري گهر ۾ نظربند رکيو آهي، جڏهن ته احتجاج ڪندڙ 16 پي ٽي آءِ ڪارڪنن کي به حراست ۾ ورتو ويو آهي.

بقايا 11

ليگ ضلعي ملير جي صدر نعيم فيروز، حسن رضا شاه، ايڊووڪيٽ شهباز احمد، غلام قادر لغاري، نعيم آرائين، راڻا سهيل جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو. حيدرآباد مان بيورو رپورٽر مطابق پاڪستان تحريڪ انصاف پاران 8فيبروري جي ٿيل عام چونڊن کي جعلي اليڪشن قرار ڏئي علائيل يوم ساه جي سلسلي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون مختلف بلدياتي نمائيندن اسامه فيصل،ايڊووڪيٽ اسلم لغاري،افروز شورو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. سانگهڙ مان آفتاب مري موجب جي ڊي اي جي سربراه پير پاڳاري جي حڪم تي 8 فبروري سڄي ملڪ جيان سانگهڙ ۾ به ڪارو ڏينهن ملهايو ويو جي ڊي اي جي سڏ تي نيشنل پريس ڪلب سانگهڙ آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جي ڊي اي پاران عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج رڪارڊ ڪيو ويو بلڙي شاه ڪريم مان عيوضي علي ڏنو رند موجب بلڙي شاه ڪريم ۾ پي ٽي آئي جي سڏ تي گذريل عام چونڊن ۾ مبينا دهانڌلي ۽ ان جي نتيجي ۾ نهيل سرڪار خلاف اڄ 8 فيبروي تي ڪارو ڏينهن ملهايو

بقايا 12

سنڌ اسان جي ماءُ سنڌو اسان جو ساه جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ ايس ٽي پي جو قافلو سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي اڳواڻي ۾ چمبڙ کان ٽنڊو تنبو الهيار پهتو چمبڙ ۽ تنبو الهيار ۾ عوامي ميڙن کي خطاب ڪندي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ جي شادابي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ حڪمران سنڌو درياءَ مٿان ڪئنال ٺاهڻ جا منصوبا جوڙي رهيا آهن. اهي منصوبا نه صرف غير آئيني ۽ غيرقانوني آهن پر عالمي قانون ۽ فطري قانون جي به خلاف آهن سنڌو درياءَ کي سمنڊ ۾ لازمي ڇوڙ ڪرڻو آهي.

بقايا 13

جي ٻنهي روڊن جو نئين سر اڏاوت ڪانپوءِ افتتاح ڪري ڇڏيو. ڪونڙي محمد ڪبير ۾ الڪبير ڪاٽي تي ٿيل تقريب ۾ روڊس ڪاٽي نوشهروفيروز جا مڙئي آفيسر ٺيڪيدارن صحافين ۽ شهرين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي افتتاحي تقريب ۾ ڳالهائيندي سيد ابرار علي شاه چيو ته منهنجي ڪوشش هوندي آهي ته تڪ ۾ ترقياتي ڪمن سان گڏ روڊن رستن جو جار وڇايان. ڪافي ڳوٺن ڏانهن ويندڙ ڪچن رستن تي منهنجي ڪوٽا سان روڊ ٺهن ٿا پيا،اسان وڏڙن جي نقش قدم تي هلندي عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ وسان ن گهٽائيندا سين ،ان موقعي تي شهري اتحاد صدر ۽ صحافي مولابخش ٿيٻو ايم اين اي سان مخاطب ٿيندي شڪايت ڪئي ته خانواهڻ روڊ کي تعمير ٿئي صرف ٽي مهينا مس ٿيا آهن. ته ٽيهن کان مٿي هنڌن تان روڊ اکڙي ويو آهي، انهن کي ٻيهر چتيون هنيون ويون آهن. اهي چتيون ب اکڙي ويون آهن. جنهن تي ايم اين اي چيو ته غير معياري ڪم جي نشاندهي ڪرڻ تي اوهان جي مهرباني ،اهو عمل سراسر غلط آهي، مان غلط ڪم جي مذمت ڪيان ٿو ايئن ٿيڻ ن کپي ان سلسلي ۾ مان جاچ ڪرائيندس. ته ٺيڪيدار مطابق ڪم ڇون ڪيو ويو آهي، ان کان اڳ سيد ابرار علي شاه کي گلن جي پٽين سان شاندار استقبال ڪري افتتاحي تقريب ۾ آندو ويو. ٻئي پاسي ايڊوڪيٽ هاءِ ڪورٽ ڪامران جروار جي اوطاق تي سيد ابرار علي شاه چانڊ پارٽي ۾ پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 14

بقاياجات جي ادائيگين خلاف ڪاروائي دوران سيپڪو گاڏي جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل پيرسن عورت ڪراچي جي اسپتال ۾ فوت ٿي وئي، فوتي عورت جي وارثن انڊس هائي وي تي لاش رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، سيپڪو ڪامورن خلاف قتل ڪيس داخل ڪرائڻ جو مطالبو پوليس جو ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار، ڌرڻي سبب حيدرآباد، ڪراچي، لاڙڪاڻو سميت ٻين شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل:_ دادو پرسان ڳوٺ پريل زئونر ۾ سيپڪو پاران بقاياجات جي ادائيگين خلاف هڪ هفتو اڳ ڪاروائي دوران ڳوٺاڻن ۽ سيپڪو ڪامورن وچ ۾ ڇڪرين دوران سيپڪو جي گاڏي جي ٽڪر ۾ پيرسن عورت حضوران زال مهراب زئونر زخمي ٿي هئي زخمي عورت کي ڳنڀير حالت ۾ دادو کان ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو هو جيڪا رات دير سان زخمن جي ست نه سهندي فوت ٿي وئي، فوتي عورت جي وارثن دادو پرسان انڊس هائي وي تي لاش رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ۽ سيپڪو ڪامورن خلاف شديد نعري بازي ڪندي قتل ڪيس داخل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو حد جي پوليس پاران سيپڪو ڪامورن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو مسلسل 12 ڪلاڪن کان ڌرڻي سبب حيدرآباد، ڪراچي، لاڙڪاڻو سميت مختلف شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، 12 ڪلاڪن بعد ايس ايچ او بي سيڪشن مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڪين خاطري ڪرائي ته واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويندو اهڙي خاطري بعد وارثن ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو، آخري اطلاع تائين سيپڪو ڪامورن خلاف ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 15

پڪٽ پرسان نامعلوم هٿيار بند سکر کان ڪنڌڪوٽ ويندڙ ڪار سوارن کي روڪرائي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 4 عدد موبائل فونيون هزارين روپيا روڪ رقم ڦر ڪري فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا جڏهن ڦر واقعي خلاف ڪنڌڪوٽ واسي متاثرين محمد محبوب اعوان عرفان چاچڙ محبوب احمد اعوان ۽ ڪار ڊرائيور ميڊيا سامهون احتجاج ڪندي دانهندي ٻڌايو ته سکر کان ڪنڌڪوٽ وڃي رهيا هئا سي ته ڌوهارين ڪار کي روڪرائي اسان کي ڪار مان لاهي هزارين روپيا روڪ رقم ۽ چار عدد موبائل فونيون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا اسان واقعي جي اطلاع بروقت رستم ۽ فيضو پوليس کي ڏني جيڪا دير سان پهتي انهن چيو ته پوليس جي نااهلي سبب لٽ ڦر جا واقعا ٿيڻ معمول بڻيل آهي ڪئي مسافر ماڻهو محفوظ ناهي پوليس پڪٽ تي ويٺل پوليس اهلڪار اسان جي لٽجڻ جو تماشو ڏسن پيا ڪوئي پوليس وارو اسان ڏي واردات دران لڙي بي نه آئي

بقايا 16

جي هدايتن تي روڊ سيفٽي ڪميٽي طرفان ٽريفڪ جي ڀڃڪڙين خلاف ڪارروايون جاري آهن. ڪميٽي طرفان اوور لوڊنگ، اوور اسپيڊنگ ۽ غير معياري ڪمرشل گاڏين خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي 33 گاڏين جي جاچ ڪئي وئي، 20 گاڏين کي چالان ڪيو ويو، جڏهن ته 4 گاڏيون تحويل ۾ ورتيون ويون. روڊ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن تي روڊ سيفٽي ڪميٽي طرفان مجموعي طور Rs.101,400روپيا ڏنڊ لڳايو ويو. سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙين کي روڪڻ لاءِ ڪميٽي صوبي ڀر ۾ اوچتو چيڪنگ ڪري رهي آهي. هن چيو ته ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙيون انساني زندگين لاءِ خطرو بڻجي سگهن ٿيون. ان ڪري سنڌ حڪومت سخت ڪارروائي ڪري رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته اوور لوڊنگ، اوور اسپيڊنگ يا ناڪارا گاڏين کي روڊن تي هلڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. سڀني ڪمرشل گاڏين کي حفاظتي قانونن تي عمل ڪرڻو پوندو.

بقايا 17

آبادڪاري خلاف اي پي سي/ احتجاجي مظاهرو، مختلف سياسي سماجي تنظيمن جا اڳواڻ، شهري ۽ ڳوٺاڻا شريڪ. دڙو ٻنون ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقن سميت سجاول ضلعي ۾ بدامني جي وڌندڙ آزار خلاف آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائڻ بعد احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، اي پي سي ۾ پ پ، قومي عوامي تحريڪ، سنڌ ترقي پسند پارٽي، جسقم، پ پ (ش پ)، ڪميونسٽ پارٽي، ٽي ايل پي، سنڌي ادبي سنگت، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ٻين تنظيمن جا اڳواڻ، شهري ۽ ڳوٺاڻا شريڪ ٿيا. ان موقعي تي رشيد آزاد، عبدالڪريم پليجو، دائود سومرو، صديق ميمڻ، اشرف پليجو، محمد خان ڪچي، نظام ميمڻ، امداد ميمڻ، انور ملاح، عثمان سومرو، اقبال سومرو، يوسف سومرو، لقمان پنهور، سالار سميجو ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته بدامني جو آزار هيئنر جو ڪونهي، گذريل ڪجھ سالن کان چوريون ۽ ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن دڙي ۽ ٻنون جي ڪچي ۾ ڌوهارين ديرا ڄمائي ورتا آهن. ڪشمور، ڪنڌڪوٽ سميت اتر سنڌ جي ڪچي ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن ڪانپوءِ ڌوهارين سجاول ضلعي جي ٻيلن جو رخ ڪيو آهي، سجاول ضلعي جا ڪڏي، مولچند، هديراڻي، پناه ۽ ٻيا ٻيلا ڌوهارين جون محفوظ پناه گاهون بڻيل آهن. ڌوهارين ڪچي جون زمينون آباد ڪري مقامي ماڻهن جي داخلا تي بندش لڳائي ڇڏي آهي، روڊ رستن تان ڦرون ۽ چوپائي مال جون چوريون ڪرڻ بعد ڌوهاڙي ٻيلن ۾ لڪي وڃن ٿا. ڌوهارين خلاف ڪارروائي ڪري رهواسين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 18

جو ميلو ايندي ئي ڦر جي واردات ٿي۔ ڳوٺ سيلرا جو رهواسي لوڊر رڪشا هلائيندڙ پورهيت سجاد چتو کي 6 نامعلوم هٿيار بندن يرغمال بڻائي تشدد ڪري 14500 روڪ رقم ٽچ موبائل فون ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا ۔ ياد رهي ته گذريل سال شاه گودڙي جي ساليانې ميلي دوران 6 نامعلوم هٿيار بندن ايندڙ ويندڙ زائرين کي روڪي لکين روپين جي ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا۔ جڏهن ته شاه گودڙيو پوليس ويڙا تي ويل آهي۔ ڪڪ پچي هيٺو ناهي ڪيو۔ ايس ايس پي دادو کان نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪئي۔

بقايا 19

سوارن کي چيپائي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ 3 نوجوان فوت ٿي ويا. رپورٽ موجب حادثي کان پوءِ موقعي تي موجود شهري مچرجي پيا، جن ڊمپر کي باه ڏئي ڇڏي، فوت ٿي ويل نوجوانن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جن ۾ آصف ۽ امجد جيلاني جي سڃاڻپ ٿي وئي، ٽئين نوجوان جي سڃاڻپ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. حادثي جي اطلاع ملڻ تي پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ مچريل مڙهن کي موقعي تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن ته ڊمپر جو ڊرائيور فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن جي ڳولا شروع ڪئي وئي آهي. پوليس ڊمپر ۾ لڳل باه کي وسائڻ جي لاءِ فائر برگيڊ کي به طلب ڪري ورتو آهي. ياد رهي ته ڪجھ ڏينهن کان ڪراچي ۾ تيز رفتار ڊمپرز ۽ واٽر ٽينڪرز جي ڪري موٽر سائيڪل سوارن ۽ ڪار سوار شهرين کي چيپائڻ جي واقعن ۾ روزاني جي حساب سان اضافو ٿي رهيو آهي.

بقايا 20

مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي محمد بخش مري ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جن نعريبازي به ڪئي ان موقعي تي ميڊيا اڳيان دانهيندي محمد بخش مري چيو ته منهنجي معصوم 10 ورهين جي نياڻي روبينا مري کي ٽي هفتا اڳ هٿيارن جي زور تي زبردستي جوابدار ڳوٺ جي پاهران اغوا ڪري ويا آهن ايس ايس پي نوشهروفيروز جي حڪم تي نوشهروفيروز ٿاڻي تي جوابدار فيض محمد مري، مير محمد مري، علي گوهر مري سميت ٻن نامعلوم جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هن چيو ته نوشهروفيروز ٿاڻي جو ايس ايچ او ۽ انويسٽيگيشن آفيسر نياڻيءَ کي بازياب ڪرائڻ بجاءِ جوابدارن جا ونگارو بڻيل آهن پوليس جي نااهلي جي ڪري جوابدار سرعام گهمي رهيا آهن.

بقايا 21

کي بدفعلي جو نشانو بڻائڻ بعد پوليس پهچي تفصيل ورتا بعد ۾ وارثن کي ميڊيڪل ليٽر جاري ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ نينگر کي سنڌس وارثن شيخ زيد پيڊس سرجري جي وارڊ ۾ داخل ڪرايو ويو آهي. ان حوالي سان نينگر جي والد محمد پيارل ميربحر ٻڌايو ته منهنجو پٽ محمد علي شاه ٻهارو جي مدرسي ۾ پڙهندو آهي جتي پيش امام جي مائٽ مجاهد علي مغيري منهنجي پٽ کي بدفعلي جو نشانو بڻايو جنهن جي حالت ڳنڀير جوڳي آهي جنهن کي ڪيس اسپتال داخل ڪرايو آهي. هن مطالبو ڪيو ته پٽ کي بدفعلي جو نشانو بڻائيندڙ مجاهد علي مغيري کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 22

رستم هيڊ ڪانسٽيبل قربان ڪڪراڻي مقتول صدام مهر جي قتل ڪيس ۾ گرفتار، قربان ڪڪراڻي تي وڌيڪ هڪ ٻيو اغوا جو ڪيس به داخل ڪيو ويو جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته جوابدار قربان ڪڪراڻي سعد خاناڻي جتوئي جوابدارن سان ملي ڪري مقتول صدام مهر جي ڪيس جي شاهد وقار احمد مهر کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مقتول صدام حسين جي وارثن موجب: ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ جي اڳواڻي ۾ رستم پوليس ڪارروائي ڪري اڳوڻي ايس ايچ او رستم قربان ڪڪراڻي کي صدام حسين هر جي قتل ڪيس ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي، جوابدار قربان ڪڪراڻي ڪال صدام حسين جي قتل ڪيس ۾ شاهد وقار احمد ۽ ان جي ٻن مائٽن کي سعد خاناڻي جتوئي برادري جي هٿيار بندن سان گڏجي ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ اغوا ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي جنهن جي پڻ ايف آءِ آر رستم ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي

بقايا 23

تي مبينا ٽائون ٿاڻي ۾ 4 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته ڪيس داخل ٿيڻ ڪانپوءِ 4 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو، جن ۾ 3 پائلٽ به شامل آهن. سرڪاري فرياد تي داخل ڪيس ۾ دهشتگردي سميت ٻيا قلم شامل آهن. واضح رهي ته گذريل ڏينهن گلشن اقبال ۾ پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئارڻ کان انڪار تي جهيڙو ٿيو هو جنهن دوران پوليس ڪانسٽيبل جي وردي ڦاٽي پئي هئي.

بقايا 24

عمراڻي کي پوليو جو ڦڙا پيارڻ سبب سنڌس حالت خراب ٿي وئي، سوشل ميڊيا تي وڊيو وائرل ٿيڻ بعد ڊپٽي ڪمشنر خيرپور نوٽيس ورتو پوليو جي ٽيم پوليو تعلقه آفيسر ٽيم سان گڏجي صحافي جي گهر پهچي ٻار جي چڪاس ڪئي،صحافي اسرار عمراڻي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پوليو ٽيم پوليو جا ڦڙا پيارا جنهن بعد منهنجي معصوم جي طبعيت خراب ٿي وئي آهي، جنهن کي رورل هيلٿ سينٽر کڻي ويس، پر اتي ڊاڪٽرن پاران ڪو به علاج نه ڪيو ويو مون سان زيادتي ڪئي وئي آهي. اسان سان انصاف ڪيو وڃي. هن چيو ته اگر منهنجي ٻچڙي کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو ڊاڪٽر راڻا حسيب ۽ پوليو ٽيم هوندي، ٻئي پاسي ڊي سي خيرپور سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرون ۽ وڊيو جو نوٽيس وٺندي پوليو ٽيم کي متاثرين وٽ موڪليو جتي تعلقا آفيسر ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ جي اڳواڻي ۾ آر ايچ سي راڻيپور انچارج ڊاڪٽر منظور خاصخيلي،ٻارن جو اسپيلشٽ ڊاڪٽر حنيف سومرو، پوليو انچارج ڊاڪٽر جميل ابڙو پنهنجي ٽيم سان گڏجي متاثر صحافي اسرار عمراڻي جي گهر پهچي، سنڌس متاثر ٿيل پٽ جواد عرف جاني جي چڪاس ڪئي وئي. ان موقعي تي تعلقه آفيسر ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ صحافين کي ٻڌايو ته پوليو جا ڦڙا پياريا ويا هئا. جنهن ۾ ٻار کي بخار ٿي ويو هو هاڻي ان جو علاج ڪيو آهي جلد ئي سنڌس جي طبعيت بهتر ٿي ويندي.

بقايا 25

چوڻون پيرو مسلط ڪرڻ بعد درياه ٻيٽ، لکين ايڪڙ زمينون ۽ وسيلا ڪپايا پيا وڃن. پاڪستان کي بحرانن مان ڪڍڻ ۽ حقيقي ترقي لاءِ شفافيت جي ضرورت آهي.اياز لطيف پليجي چيو ته قومي عوامي تحريڪ ۽ جي ڊي اي هڪ دفعو ٻيهر 8 فيبروري 2024 واري جنرل اليڪشن کي رد ڪري ٿي سنڌ ۾ 2024 واري جنرل اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي جا جعلي پولنگ آفيسر مقرر ڪري پرزائيڊنگ آفيسر خريد ڪيا ويا. اليڪشن واري ڏينهن سيڪيورٽي نالي ڪا به شئي نه هئي. سادي مس استعمال ڪئي وئي، جهنڪري جعلي ووٽن جو استعمال ڪيو ويو اياز لطيف پليجي چيو ته 8 فيبروري 2024 تي اليڪشن شفاف ٿئي ها ته زرداري ليگ ناڪام ٿي وڃي ها. پئسي ۽ اسٽيبلشمينٽ جي آشيرواد سان سنڌ ۾ اليڪشن نتيجا مينيج ڪيا ويا.

بقايا 26

چيو ته پي ٽي آءِ باني قانوني طريقي سان عدالتن مان رليف حاصل ڪندو. ان حوالي سان آمريڪا سميت اسان ڪنهن ملڪ جا طلبگار ناهيون. عمران خان چيو هو ته ڊيل لاءِ نه پر پاڪستان ۽ جمهوريت لاءِ ڳالهيون ڪري رهيا آهيون. سنڌس چوڻ هو ته اڄ سڄي ملڪ ۾ پي ٽي آءِ جا ڪارڪن ۽ ماڻهو احتجاج لاءِ نڪتا آهن.

بقايا 27

رپيا قومي نائي ۾ ڏنا، حڪومتي قدمن سبب مهانگائي گهٽ ترين سطح تي اچي وئي آهي. آءِ ايم ايف سان معاهدو ممڪن ٿيو ۽ ملڪ ڊيوالي کان بچي ويو سنڌس چوڻ هو ته اڄ اسان ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهي چڪا آهيون. ڏکيا فيصلا ڪياسين پر اڳتي جو سفر به آسان ناهي، رات ڏينهن ڪم ڪري رهيا آهيون. مايوس ٿيڻ جي ضرورت ناهي، اسان محنت ڪنداسين ۽ ترقي ڪنداسين.

بقايا 28

آور شين سبب ٿيو پشاور جي علائقي مچني گيٽ ٿاڻي جي حدن ورسڪ روڊ تي فليٽ مان عورت جو لاش مليو. جنهن جي سڃاڻپ مشهور ٽڪ ٽاڪر سيما گل عرف سائيڪو ارباب جي نالي سان ٿي. پوليس ٻڌايو ته عورت جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ موڪليو ويو شروعاتي جاچ موجب عورت جو موت نشي آور شين سبب ٿيو ڀاءَ جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 29

سينما چونڪ تي خطاب ڪندي اڳواڻن اسلم خيرپوري، ڪامريڊ جمن لاڪو، ذوالفقار جمالي، نادر پنگوار، تاج جويو ۽ ٻين چيو ته سنڌو درياه سنڌ جو جياپو آهي ان کان سواءِ سنڌ بنجر بڻجي ويندي اسان اڃ ۽ بڪ وگهي مري وينداسين اسان ڪينال ڪڍڻ جي سخت مزاحمت ڪنداسين ۽ ڪنهن به صورت ۾ ڪينال ڪڍڻ نه ڏينداسين هنن چيو ته اسان جو احتجاج ڪينالن جي واپسي واري اعلان تائين جاري رهندو پيادل قافلو اڄ رات رئيس رحيم گل رند جي ميزباني ۾ رات ترسڻ بعد صبح جو هالا ۽ پٽ شاه لاءِ روانو ٿي ويندو.

بقايا 30

مهينن دوران آءِ ايم ايف جي وڏي شرط پوري ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. ناڻي واري وزارت طرفان جاري ڪيل موجوده مالي سال جي پهرين 6 مهينن جي خرچ ۽ آمدني جا تفصيل جاري ڪيا ويا آهن جنهن موجب پاڪستان شروعاتي 6 مهينن ۾ عالمي مالياتي فنڊ(آءِ ايم ايف) جي وڏي شرط پوري ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته 2900 ارب حدف جي مقابلي پرائمري سرپلس 3600 ارب روپين تائين پهچي ويو آهي. اهڙي طرح چئني صوبن 750 ارب حدف جي مقابلي 776 ارب سرپلس بجيٽ ڏنو ويو صوبن 376 ارب روينيو حدف جي مقابلي ۾ 442 ارب ٽيڪس جمع ڪيو ويو اهڙي طرح زرعي آمدني تي ٽيڪس تي عمل ڪرڻ سان روينيو ۾ وڌيڪ اضافي جو امڪان آهي. ناڻي واري وزارت موجب 6 مهينن ۾ ايف بي آر کي ٽيڪس روينيو ۾ 384 ارب شارٽ فال کي منهن ڏيڻو پيو. 6009 ارب حدف جي مقابلي 5624 ارب روپيه ٽيڪس جمع ڪيو ويو انهي دوران واپاري دوست اسڪيم جي تحت 23.4 ارب ٽيڪس جمع ڪرڻ جو حدف پورو نه ٿي سگهيو رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته وفاقي حڪومت جي آمدني 5887 ارب روپيه رهي. وفاقي حڪومت جا خرچ 8200 ارب کان وڌي ويا جڏهن ته شروعاتي 6 مهينن ۾ 2313 ارب روپيه بجيٽ خسارو رهيو انهي دوران قرضن تي وياج جي مد ۾ 5141 ارب روپيه خرچ ڪيا ويا جڏهن ته وفاقي ترقياتي منصوبن تي صرف 164 ارب روپيه خرچ ڪيو ويو.

بقايا 31

عدالت آچر بچت بازار ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي مداخلت خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪندي عدالت اسٽي آرڊر جاري ڪري ڇڏيو آهي. جسٽس عدنان چوڌري چيو ته آچار بازار ۾ مداخلت نه ڪئي وڃي. درخواستگذار پنهنجي موقف ۾ چيو ته ڪي ڊي اي جي اجازت سان گلشن اقبال ۾ بچت بازار لڳائي ويندي آهي. 3 سال کان ڊپٽي ڪمشنر مداخلت نه ڪئي موجوده ڊپٽي ڪمشنر کي ڊي اي جي جواب کان پوءِ به مداخلت ڪري رهيو آهي. هڪ قانوني عوامي سهولت بازار ۾ غيرقانوني مداخلت ٿي رهي آهي.

بقايا 32

آرڊر ۽ منشيات ڪيس جي ٻڌڻي. جوابدار نتاشا عدالت ۾ پيش ٿي، هڙتال سبب ڪيس تي ٻڌڻي نه ٿي سگهي. عدالت ٻڌڻي 27 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. مرڪزي ڪيس مان جوابدار نتاشا آزاد ٿي وئي آهي، جوابدار خلاف بهادر آباد ٿاڻي تي منشيات ڪيس داخل آهي.

بقايا 33

مينڊيٽ تسليم نه ڪرڻ تي ملڪ ٽٽو پر اسان سبق نه سکيو جي يو آءِ ترجمان اسلم غوري پنهنجي بيان ۾ چيو ته تسلسل سان ڌانڌلي وارين چونڊن پاڪستان جي امن ۽ معيشت کي تباه ڪيو دوست ملڪن کان پني گذارو ڪندي ڏهاڪا گذري ويا پر قوم اڃا تائين ويلي لاءِ پريشان آهي. هن چيو ته جعلي چونڊن جمهوريت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي، 2018 ڪانپوءِ 2024 جي چونڊن ۾ ڌانڌلي جا رڪارڊ ٽوڙيا ويا، عوامي مينڊيٽ تسليم نه ڪرڻ تي ملڪ به ٽڪرٽيو پر اسان سبق نه سکيو اسلم غوري چيو ته جعلي مينڊيٽ وارين حڪومتن ملڪي معيشت ۽ امن تباه ڪري ڇڏيو ڌانڌلي جي پيداوار حڪومت کي عالمي مالياتي ادارا ۽ ٻيون قوتون دٻاءَ ۾ رکن ٿيون. جي يو آءِ جو واضح موقف آهي ته جيستائين صاف شفاف چونڊون نه ٿيون ٿين، امن، ترقي ۽ جمهوريت خواب ئي رهندا. سنڌس موجب جي يو آءِ سمجهي ٿي ته ادارن کي پنهنجي آئيني حدن ۾ رهي ڪم ڪرڻو پوندو، مداخلت سان ادارا ڪمزور ٿيندا آهن

بقايا 34

آپريشن ۾ 3 خوارج دهشتگرد مارجي ويا آهن. آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان جي علائقي دته خيل ۾ ڳجهي اطلاع تي آپريشن ڪيو آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته آپريشن ۾ 3 خوارج دهشتگرد مارجي ويا. مارجي ويل دهشتگرد علائقي ۾ دهشتگردي جي ڪيترين ئي ڪارروائين ۾ ملوث هئا. آءِ ايس پي آر موجب آپريشن جي دوران سيڪيورٽي فورسز خوارج جي ٺڪاڻي کي بهتر طريقي سان نشانو بڻايو . خوارج دهشتگرد برقعو پائي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. آءِ ايس پي آر موجب مارجي ويل خوارج دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ آيو آهي. سيڪيورٽي فورسز ملڪ مان دهشتگردي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ پرجوش آهي. ٻئي طرف وزيراعظم شهباز شريف سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پڻ پيش ڪيو

بقايا 35

سنڌ آصف حيدر شاه پاران ٽريفڪ حادثن بابت هنگامي اجلاس ۾ ڪيو ويو اجلاس ۾ انسپيڪٽر جنرل (IG)سنڌ پوليس، ڪمشنر ڪراچي، ايڊيشنل IGڪراچي، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ، DIGٽريفڪ ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار شريڪ ٿيا. اجلاس دوران فيصلو ڪيو ويو ته ڪراچي ۾ هلندڙ سڀني وڏين گاڏين ۽ انهن جي ڊرائيورن جي جسماني تصديق (فزيڪل وير فڪيشن) ڪئي ويندي ته جيئن روڊ سيڪيورٽي جا ضابطا يقيني بڻايا وڃن. اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته شهر ۾ هلندڙ سڀني گاڏين کي ٽرانسپورٽ ڊپارٽمينٽ کان QRڪوڊ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لازمي هوندو سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ کي هدايت ڪئي وئي ته هو ايندڙ ٽن مهينن اندر پنهنجا آپريشنز رات جي وقت منتقل ڪري. چيف سيڪريٽري سنڌ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ کي به هدايت ڪئي ته سڀني واٽر ٽينڪرن جي هڪ مهيني اندر مڪمل جاچ ڪئي وڃي ته جيئن انهن جي سيڪيورٽي ۽ ٽريفڪ قانونن تي عمل يقيني بڻائي سگهجي. چيف سيڪريٽري سنڌ ٽريفڪ پوليس کي ٽريفڪ ضابطن تي سختي سان عمل ڪرائڻ ۽ بي پرواه ڊرائيورن خلاف چالان سان گڏ ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا 36

ڏينهن ختم ٿيڻ بعد ٽريفڪ بحال ٿي وئي، جنهن بعد مسافر پنهنجين منزلن ڏانهن روانا ٿي ويا. ذاتي مصروفيتن جو سبب ڄاڻائي ايس ايس پي کي موڪل تي موڪليو ويو، جڏهن ته ان بابت نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي، سنڌس چارج ايس ايس پي تنبو محمد خان حوالي ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي ايس ايس پي جي بدلي ڪانپوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ڪراچي هڙتال جو سڏ واپس وٺي ڇڏيو جنهن بعد شهر ۾ عدالتي سرگرميون معمول تي اچڻ جو امڪان آهي.

بقايا 37

اسٽيشن تي سياحت سان لاڳاپيل ماڻهو به موجود آهن سنڌ جو ثقافت وارو وزير ذوالفقار شاه ٽرين ۾ سوار ٿي حيدرآباد پهتو ٿر ڊيزرٽ سفارتي ٽرين ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص کان ٿيندي ٿرپارڪر پهچندي ٿرپارڪر ۾ ٻن ڏينهن جي قيام جي دوران مسافرن کي مختلف سرگرميون ڏيکاريون وينديون جنهن ۾ ان جي ڊوڙ، ميوزيڪل شو سميت ٻين سرگرمين سان مسافر لطف اندوز ٿيندا.

بقايا 38

سعدي موسائٽي تي بنا اطلاع جي اوچتو پهچڻ تي ملازمن ۾ ٽرٿلو پئجي ويو هن درگاه تي چادر چاڙهي دعا گهري ۽ زائرين سان سهولتن ۽ اوقاف جي ملازمن طرفان روين بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ان موقعي تي زائرين ۽ مقامي دڪاندارن شڪايتون ڪيون ته درگاه تي سهولتن جي اڻاٺ سبب سيورج جو پاڻي تلائن جي شڪل ۾ بيٺو آهي ناليون ابتيون وهن ٿيون ۽ واش رومن ۾ صفائي نه هجڻ برابر آهي جنهن سبب درگاه جي ڀرسان بدبوءِ ۽ گندگي جا ڍير لڳل آهن جڏهن ته اوقاف کاتي جي آفيس ۽ ڊسپينسري کي ڪيترائي سال ٿيا آهن جن کي اڃا تالو لڳل آهي ۽ اوقاف ميئنيجر رهي نه ٿو ڊاڪٽر سميت ايمبولينس به غائب آهي هنن فوري سهولتن جي گهر ڪئي اهڙيون شڪايتون ملڻ بعد سيڪريٽري اوقاف تعمير ٿيل ڊسپنسري ميئنيجر جي آفيس سميت مسافر خانن جو معائنو ڪري معلومات ورتي

بقايا 39

جون سرگرميون به تمام ضروري آهن سنڌ حڪومت جو تعليم کاتو تائون تحت اسڪول ۽ اسپورٽس کاتو مختلف تعليمي ادارن ۾ اهڙيون سرگرميون ڪري رهيا آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڇنڇر ڏينهن عائشه باواڻي اڪيڊمي ۾ ساليانې اسپورٽس ڊي جي تقريب کي مهمان خاص طور خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي ڊائريڪٽر ايڊمن امداد شاه، ڊائريڪٽر اڪيڊمي معتصم، پرنسپال اسڪول شاهده الياس، ميڊم فوزيه ۽ ٻين پڻ صوبائي وزير جو استقبال ڪيو ۽ کيس گلدستو پيش ڪيو.

بقايا 40

جي زور تي يرغمال بڻائي سنڌن کان 40 هزار روڪ رقم، موبائل فون ڦر ڳوٺاڻي جي مزاحمت ڪرڻ تي هٿيار بند نوجوان کي ڌڪي ڪري ڦورو آساني سان فرار ٿي ويا، واقعي جو اطلاع حد جي پوليس مليو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي زخمي نوجوان کي طبي امداد ڏيارڻ لاءِ اسپتال آندو ويو طبي امداد ڏئي گهر روانو ڪيو ويو ان موقعي تي گل بهار ڏاهاڻي چيو ته ڌوهارين ترتپائي ڇڏيو آهي حد جي پوليس ڌوهن تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام بڻجي وئي آهي، ڌوهارين راڄ سرعام هٿيارن جي نمائش ڪري رهيا آهن پوليس انهن جي پويان ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ڪڪ پچي هيٺو ناهي ڪيو.

بقايا 41

مغل رات دير سان سکر جي ڪچي واري علائقن جو دورو ڪيو ڪچي ۾ قائم ڪيل پوليس پڪٽس جو جائزو ورتو ۽ مقرر پوليس عملدارن کان سيڪورٽي انتظامن بابت بريفنگ ورتي جنهن بعد ڊي ايس پيز کي ضروري هدايون ڏنيون ته ڪچي جي ڌاڙيلن خلاف ڪاروائيون ڪري امن امان جي بحالي لاءِ تڪڙا قدم کنيا وڃن ترجمان ايس ايس پي سکر موجب ڪچي ۾ ڌاڙيلن جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي داخلي ۽ خارجي رستن تي چيڪنگ وارو عمل جاري آهيايس ايس پي سکر اظهر خان مغل جو چوڻ آهي ته ڪچي ۾ ڌاڙيلن جي پناه گاهن ۽ ڌاڙيلن جي چرپر تي ڪڙي نظر رکڻ لاءِ اضافي پوليس پڪٽون ۽ نفري پڻ مقرر ڪئي وئي آهي ڪنهن کي به امن خراب ڪرڻ جي اجازت ناهي ڌوهارين کي بخش نه ڪيو ويندو انهن جي خاتمي لاءِ ممڪن قدم کنيا ويندا ضلعي ۾ امن ڪرائڻ تائين آپريشن جاري رهندوترجمان ايس ايس پي سکر موجب ايس ايس پي اظهر خان مغل رات دوري دوران پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن سان ملڻ ڪانپوءِ گڏجي رات جي ماني پڻ کاڌي

بقايا 42

دوران پوليس آپريشن ڌوهارين جي 4 گهرن ۽ ٽاڪن کي باه ڏئي ساڙيو ويو. هڪ ڌوهاري مارجڻ ۽ الهيار ننڊواڻي سائي سميت زخمي ڪرڻ جي دعوا. علائقي کي ڪڙو چاڙهي سرچ آپريشن جاري، ڪنڌڪوٽ ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري ۽ اي پي سي چين بڪتربند گاڏيون ڊوران ڪئميرا جي ذريعي ڪوڪاري ننڊواڻي گينگ خلاف ٽارگيٽڊ آپريشن شروع ڪيو ويو. دوران پوليس آپريشن ۾ اي پي سي چين بڪتربند گاڏيون ۽ ضلعي جي پوليس نفري حصو ورتو. پوليس ڊوران ڪئميرا جي ذريعي بدنام زمانه ڌوهاري الهيار ننڊواڻي جي گهر تي چڙهائي ڪري فائرنگ جي ڏي وٽ پوليس جي جوابي فائرنگ الهيار ننڊواڻي سائي سميت زخمي ۽ هڪ ڌوهاري مارجي ويو پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ڌوهاري جو لاش ساٿي کڻائي ويا، ڌوهارين گهيرو تنگ ڏسي ضمير ميراڻي ۽ محمد علي سنجراڻي کي ڇڏي گهاٽي ٻيلن ۾ فرار ٿي ويا آهن پوليس علائقي کي ڪڙو چاڙهي سرچ آپريشن شروع ڪري ڏنو آهي جڏهن. پوليس ڌاڙيلن جي 4 گهرن ۽ ٺڪاڻن کي ڊاهي پٽ ڪري باه ڏئي ساڙيو ويو. پوليس پريس جاري ڪندي چيو ته ايس ايس پي زبير نظير شيخ چيو ته هي آپريشن شهيد پوليس اهلڪار مظهر علي مشوري کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ ڪيو ويو شهيدن جون قربانيون رائيگان نه وينديون. اسان کي پنهنجي بهادر جوانن تي فخر آهي، شهيد هميشه زنده رهندا آهن. پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ وقفي وقفي سان فائرنگ جي ڏي وٽ پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڌوهاري مارجي ويو ۽ الهيار ننڊواڻي سائي سميت زخمي آهن. ڌوهارين جي گهرن کي ڪڙو چاڙهي سرچ آپريشن جاري آهي، ڪشمور پوليس شهرين جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي ۽ عوام جي سهڪار سان قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ عنصرن خلاف وڌيڪ ڪارروائي جاري رهندي

بقايا 43

ڪراچي (نمائندن وٽان) 8 فيبروري 2024 ع جي عام چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي سڏ تي سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا ملير مان روزاني پاڪ جي عيوض موجب مرڪزي سڏ تي فنڪشنل /ڏسو صفحو 3 بقايا 11 ليگ ضلعي ملير جي صدر نعيم فيروز، حسن رضا شاه، ايڊووڪيٽ شهباز احمد، غلام قادر لغاري، نعيم آرائين، راڻا سهيل جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو. حيدرآباد مان بيورو رپورٽر مطابق پاڪستان تحريڪ انصاف پاران 8فيبروري جي ٿيل عام چونڊن کي جعلي اليڪشن قرار ڏئي علائيل يوم ساه جي سلسلي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون مختلف بلدياتي نمائيندن اسامه فيصل،ايڊووڪيٽ اسلم لغاري،افروز شورو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. سانگهڙ مان آفتاب مري موجب جي ڊي اي جي سربراه پير پاڳاري جي حڪم تي 8 فبروري سڄي ملڪ جيان سانگهڙ ۾ به ڪارو ڏينهن ملهايو ويو جي ڊي اي جي سڏ تي نيشنل پريس ڪلب سانگهڙ آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جي ڊي اي پاران عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج رڪارڊ ڪيو ويو بلڙي شاه ڪريم مان عيوضي علي ڏنو رند موجب بلڙي شاه ڪريم ۾ پي ٽي آئي جي سڏ تي گذريل عام چونڊن ۾ مبينا دهانڌلي ۽ ان جي نتيجي ۾ نهيل سرڪار خلاف اڄ 8 فيبروي تي ڪارو ڏينهن ملهايو. شاهپورچاڪر مان رپورٽر مطابق تحريڪ انصاف مرڪزجي سڏ تي 2024 جي عام چونڊن ۾ ٿيل مبينه ڌانڌلين خلاف سوين ڪارڪنن شاهد سومرو ،عزيز غوري،ڪرشن ڪمار،فوٽوخان شر جي اڳواڻي ۾ مين ناڪي کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي نوشهرو فيروز مان ضلعي رپورٽر موجب جي ڊي اي جي مرڪزي سڏ تي نوشهرو فيروز ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلع نوشهرو فيروز پاران لغاري هائوش کان پريس ڪلب نوشهرو فيروز تائين احتجاج ريلي ڪڍي وئي احتجاج جي اڳواڻي فقير امام بخش، فقير شاه محمد لغاري، ڪاشف لغاري، طالب حسين ڏاهري، غلام مصطفي ٻهڻ، ڪريم بخش، اسلم حب، محمد معظم، فقير محمد معروف، مولوي محمد اسمائيل ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا ، مٺيائي، سيٺارجا ۾ پڻ ڪارڪنن احتجاج رڪارڊ ڪرايو خيرپور ناٿن شاه مان عيوضي قربان علي ٻگهيو موجب جي ڊي اي جي مرڪزي سڏ تي ملڪ ۾ 8فيبروري کي ڪارو ڏينهن طور ملهايو ويو8 فيبروري 2024تي ٿيل جنرل اليڪشن ۾ بدترين ڌانڌلين۽ 1973 جي آئين ۾ ڪيل 26 ترميم سنڌو درياه مان ڇه ڪئنال ڪڍڻ فارم جي پيداوار نااهل وفاقي توڙي صوبائي حڪمرانن خلاف ڪميونٽي سينٽر کان خيرپور ناٿن شاه پريس ڪلب تائين هيٺين بئنير ۽ پلي ڪارڊ کڻي جي ڊي اي اڳواڻ وڪيل شعبان ملاح ,عابد لاڪير,عابد ٻبر,فقير محمد شيخ , ڪوڙل لاڪير,قربان علي قريشي ,قومي عوامي تحريڪ ضعله دادو جو جنرل سيڪريٽري سومر چانڊيو،ايس يو پي ضعله دادو جو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري نثار لاڪير، تعلقه صدر غلام محمد گاڏهي رشيد سودر ايس ٽي پي اڳواڻ فقير علي حسن جانوري ,ساس جي بخت برڙو جي اڳوائي ۾ ريلي سوين ماڻهن پاران مظاهرو ڪيو ويو ڪنڌڪوٽ مان عيوضي موجب جماعت اسلامي سنڌ پاران ڪراچي کان ڪشمور تائين احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. صوبائي ترجمان مجاهد چنا پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب ان سلسلي ۾ ڪراچي، حيدرآباد، جيڪب آباد، دادو، ڪنڌڪوٽ، ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ بدين سميت مختلف شهرن ۾ پريس ڪلب ۽ اليڪشن ڪميشن آفيسن سامهون مظاهرا ۽ ريليون ڪڍيون ويون شڪارپور مان رپورٽر امتياز علي مري موجب جي ڊي اي جي سڏ تي سنڌو درياه مان تڪراري ڪئنال ڪڍڻ، پيڪا ايڪٽ پاس ڪرڻ ۽ عام چونڊن ۾ بدترين ڌانڌلي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، مطالبن جي حق ۾ چتي نعري بازي، جي ڊي اي جي سڏ تي 8 فيبروري کي ڪاري ڏينهن طور ملهايو ويو . احتجاجي مظاهرن ۽ ريلين کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته عام چونڊن جي نتيجن کي اسان ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون جي ڊي اي جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته فارم 47جي ذريعي حڪومت ٺاهي وئي آهي ۽ اسان ان کي رد ڪريو ٿا احتجاجي ڌرڻي کي خطاب ڪندي سائرا بانو چيو آهي ته سنڌ جي حقن تي ڌاڙو هنيو ويو آهي سنڌو درياه مان 6ڪنال ڪڍيا پيا وڃن سنڌ جو پاڻي وڪڻي ڇڏيو آهي سنڌ جي عوام جو گذر سفر زراعت تي آهي سنڌو درياه مان ڪنال ڪڍيا ويا ته پوءِ سنڌ جو زراعت تباه ٿي ويندو. اڳ ۾ ئي سنڌ ۾ وڏي غربت آهي سنڌ جو غريب عوام پريشان آهن ۽ اسان ڪنهن به صورت ۾ سنڌو درياه مان ڪنال ڪڍڻ نه ڏينداسين احتجاجي ڌرڻي کي خطاب ڪندي سائرا بانو چيو ته هاڻي وري 26 ترميم وارو بل منظور ڪرايو ويو ته جيئن هو پنهنجي مرضيءَ وارو جج آندا وڃن ته جيئن هو پنهنجي مرضيءَ جا فيصلا ورتا وڃن. ۽ پيڪا ايڪٽ جي مذمت ٿا ڪريون هي صحافين جي آواز کي دٻائڻ ٿا عام چونڊن ۾ ملڪ جي عوام جو مينڊيٽ چوري ڪري جي ڊي اي اميدوارن کي زبردست هارائي زبردستي مينڊيٽ چوري ڪندڙن 26 هين ترميم ۾ به جعلسازي ڪئي جنهن سان ملڪ ۾ آئيني بحران پيدا ٿيو آهي.

ڪراچي (نمائندن وٽان) 8 فيبروري 2024 ع جي عام چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي سڏ تي سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا ملير مان روزاني پاڪ جي عيوض موجب مرڪزي سڏ تي فنڪشنل /ڏسو صفحو 3 بقايا 11 ليگ ضلعي ملير جي صدر نعيم فيروز، حسن رضا شاه، ايڊووڪيٽ شهباز احمد، غلام قادر لغاري، نعيم آرائين، راڻا سهيل جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو. حيدرآباد مان بيورو رپورٽر مطابق پاڪستان تحريڪ انصاف پاران 8فيبروري جي ٿيل عام چونڊن کي جعلي اليڪشن قرار ڏئي علائيل يوم ساه جي سلسلي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون مختلف بلدياتي نمائيندن اسامه فيصل،ايڊووڪيٽ اسلم لغاري،افروز شورو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. سانگهڙ مان آفتاب مري موجب جي ڊي اي جي سربراه پير پاڳاري جي حڪم تي 8 فبروري سڄي ملڪ جيان سانگهڙ ۾ به ڪارو ڏينهن ملهايو ويو جي ڊي اي جي سڏ تي نيشنل پريس ڪلب سانگهڙ آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جي ڊي اي پاران عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج رڪارڊ ڪيو ويو بلڙي شاه ڪريم مان عيوضي علي ڏنو رند موجب بلڙي شاه ڪريم ۾ پي ٽي آئي جي سڏ تي گذريل عام چونڊن ۾ مبينا دهانڌلي ۽ ان جي نتيجي ۾ نهيل سرڪار خلاف اڄ 8 فيبروي تي ڪارو ڏينهن ملهايو. شاهپورچاڪر مان رپورٽر مطابق تحريڪ انصاف مرڪزجي سڏ تي 2024 جي عام چونڊن ۾ ٿيل مبينه ڏانڊلين خلاف سوين ڪارڪنن شاهد سومرو ،عزيز غوري،ڪرشن ڪمار،فوٽوخان شر جي اڳواڻي ۾ مين ناڪي کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي نوشهرو فيروز مان ضلعي رپورٽر موجب جي ڊي اي جي مرڪزي سڏ تي نوشهرو فيروز ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلع نوشهرو فيروز پاران لغاري هائوش کان پريس ڪلب نوشهرو فيروز تائين احتجاج ريلي ڪڍي وئي احتجاج جي اڳواڻي فقير امام بخش، فقير شاه محمد لغاري، ڪاشف لغاري، طالب حسين ڏاهري، غلام مصطفي ٻهڻ، ڪريم بخش، اسلم حب، محمد معظم، فقير محمد معروف، مولوي محمد اسمائيل ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا ، مٺيائي، سيٺارجا ۾ پڻ ڪارڪنن احتجاج رڪارڊ ڪرايو خيرپور ناٿن شاه مان عيوضي قربان علي ٻگهيو موجب جي ڊي اي جي مرڪزي سڏ تي ملڪ ۾ 8فيبروري کي ڪارو ڏينهن طور ملهايو ويو8 فيبروري 2024تي ٿيل جنرل اليڪشن ۾ بدترين ڌانڌلين۽ 1973 جي آئين ۾ ڪيل 26 ترميم سنڌو درياه مان ڇه ڪئنال ڪڍڻ فارم جي پيداوار نااهل وفاقي توڙي صوبائي حڪمرانن خلاف ڪميونٽي سينٽر کان خيرپور ناٿن شاه پريس ڪلب تائين هيٺين بئنير ۽ پلي ڪارڊ کڻي جي ڊي اي اڳواڻ وڪيل شعبان ملاح ,عابد لاڪير,عابد ٻبر,فقير محمد شيخ , ڪوڙل لاڪير,قربان علي قريشي ,قومي عوامي تحريڪ ضعله دادو جو جنرل سيڪريٽري سومر چانڊيو،ايس يو پي ضعله دادو جو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري نثار لاڪير، تعلقه صدر غلام محمد گاڏهي رشيد سودر ايس ٽي پي اڳواڻ فقير علي حسن جانوري ,ساس جي بخت برڙو جي اڳوائي ۾ ريلي سوين ماڻهن پاران مظاهرو ڪيو ويو ڪنڌڪوٽ مان عيوضي موجب جماعت اسلامي سنڌ پاران ڪراچي کان ڪشمور تائين احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. صوبائي ترجمان مجاهد چنا پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب ان سلسلي ۾ ڪراچي، حيدرآباد، جيڪب آباد، دادو، ڪنڌڪوٽ، ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ بدين سميت مختلف شهرن ۾ پريس ڪلب ۽ اليڪشن ڪميشن آفيسن سامهون مظاهرا ۽ ريليون ڪڍيون ويون شڪارپور مان رپورٽر امتياز علي مري موجب جي ڊي اي جي سڏ تي سنڌو درياه مان تڪراري ڪئنال ڪڍڻ، پيڪا ايڪٽ پاس ڪرڻ ۽ عام چونڊن ۾ بدترين ڌانڌلي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، مطالبن جي حق ۾ چتي نعري بازي، جي ڊي اي جي سڏ تي 8 فيبروري کي ڪاري ڏينهن طور ملهايو ويو . احتجاجي مظاهرن ۽ ريلين کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته عام چونڊن جي نتيجن کي اسان ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون جي ڊي اي جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته فارم 47جي ذريعي حڪومت ٺاهي وئي آهي ۽ اسان ان کي رد ڪريو ٿا احتجاجي ڌرڻي کي خطاب ڪندي سائرا بانو چيو آهي ته سنڌ جي حقن تي ڌاڙو هنيو ويو آهي سنڌو درياه مان 6ڪنال ڪڍيا پيا وڃن سنڌ جو پاڻي وڪڻي ڇڏيو آهي سنڌ جي عوام جو گذر سفر زراعت تي آهي سنڌو درياه مان ڪنال ڪڍيا ويا ته پوءِ سنڌ جو زراعت تباه ٿي ويندو. اڳ ۾ ئي سنڌ ۾ وڏي غربت آهي سنڌ جو غريب عوام پريشان آهن ۽ اسان ڪنهن به صورت ۾ سنڌو درياه مان ڪنال ڪڍڻ نه ڏينداسين احتجاجي ڌرڻي کي خطاب ڪندي سائرا بانو چيو ته هاڻي وري 26 ترميم وارو بل منظور ڪرايو ويو ته جيئن هو پنهنجي مرضيءَ وارو جج آندا وڃن ته جيئن هو پنهنجي مرضيءَ جا فيصلا ورتا وڃن. ۽ پيڪا ايڪٽ جي مذمت ٿا ڪريون هي صحافين جي آواز کي دٻائڻ ٿا عام چونڊن ۾ ملڪ جي عوام جو مينڊيٽ چوري ڪري جي ڊي اي اميدوارن کي زبردست هارائي زبردستي مينڊيٽ چوري ڪندڙن 26 هين ترميم ۾ به جعلسازي ڪئي جنهن سان ملڪ ۾ آئيني بحران پيدا ٿيو آهي.

بقايا 44

نئون ڳوٺ (رپورٽ خورشيد لاڪير) سنڌ جي اوقاف، مذهبي معاملن، عشر زڪوات واري صوبائي سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر جو درگاه مخدوم /ڏسو صفحو 3 بقايا 38 سعدي موسائٽي تي بنا اطلاع جي اوچتو پهچڻ تي ملازمن ۾ ٽرٿلو پئجي ويو هن درگاه تي چادر چاڙهي دعا گهري ۽ زائرين سان سهولتن ۽ اوقاف جي ملازمن طرفان روين بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ان موقعي تي زائرين ۽ مقامي دڪاندارن شڪايتون ڪيون ته درگاه تي سهولتن جي اڻاٺ سبب سيورج جو پاڻي تلائن جي شڪل ۾ بيٺو آهي ناليون ابتيون وهن ٿيون ۽ واش رومن ۾ صفائي نه هجڻ برابر آهي جنهن سبب درگاه جي ڀرسان بدبوءِ ۽ گندگي جا ڍير لڳل آهن جڏهن ته اوقاف کاتي جي آفيس ۽ ڊسپينسري کي ڪيترائي سال ٿيا آهن جن کي اڃا تالو لڳل آهي ۽ اوقاف ميئنيجر رهي نه ٿو ڊاڪٽر سميت ايمبولينس به غائب آهي هنن فوري سهولتن جي گهر ڪئي اهڙيون شڪايتون ملڻ بعد سيڪريٽري اوقاف تعمير ٿيل ڊسپنسري ميئنيجر جي آفيس سميت مسافر خانن جو معائنو ڪري معلومات ورتي ان موقعي تي صحافين کي ٻڌايو ته درگاه تي اوچتو اچڻ جو مقصد هو ته جيئن درگاه جي مسئلن کي پنهنجي نظر سان ڏسي وٺان جي اطلاع ڪري اچان ها ته خامين جي خبر نه پوي ها ڪجھ ضروري شيون نوٽ ڪيون آهن انهن لاءِ اوقاف کاتي جي منسٽر سيد رياض شاه شيرازي کي رپورٽ ڪندس باقي ايمبولينس۔ ڊسپينسري ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ چيف ائڊمنسٽيٽر اوقاف حيدرآباد کي چوندس ته ترت ٽيم موڪلي زائرين جي سهولت لاءِ پيئڻ جو صاف پاڻي جي فراهمي وضوع ۽ واش رومن جي مرمت ۽ ٻين ضروري انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي اوقاف ميئنيجر کي لاڙڪاڻي جي به چارج آهي ان کي 4 ڏينهن سعدي موسائٽي تي رهڻ جو پابند ڪندس جيئن دڪاندارن سان گڏجاڻيون ڪري جيڪي اوقاف جي حد ۾ دڪان آهن انهن سان ڪرايا طي ڪري وصولي کي يقيني بڻائي جيئن هتان جا جائز مسئلا حل ٿي سگهن هن کان اڳ سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر اوقاف جي ملازمن سان الڳ گڏجاڻي ڪئي جنهن ۾ اوقاف جي حد اندر غيرقانوني قبضن سميت دڪاندارن ۽ ٺيڪدارن کان وصولين ۽ اوقاف جي پراپرٽين بابت پڇا ڳاڇا ڪئي جنهن تي اوقاف کاتي جي سپروائيزر فدا حسين لاڪير ڪيس ٻڌايو ته مقام 62 ايڪڙن تي مشتمل آهي جنهن تي گهر ۔ مسافر خانا ۽ سوين دڪان ٺهيل آهن صرف 70 دڪان رڪارڊ تي آهن جن ڏي بقايا وصولي لاءِ نوٽيس پڻ ڏنا آهن ۽ اوقاف کاتي جي حد ۾ جيڪي پراپرٽيون اچن ٿيون ان لاءِ ميئنيجر اوقاف ڊي سي دادو سان گڏجاڻي ڪري چڪو آهي جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته ڪاميٽي جوڙي دڪانن مسافر خانن سميت جيڪي به پراپرٽيون ماڻهن جي قبضن ۾ آهن انهن کي اعتماد ۾ وٺي اوقاف جي سسٽم ۾ آڻي انهن کان وصوليون ڪيون وينديون اهڙي آگاهي بعد سيڪريٽري اوقاف سعدي موسائٽي جي ميئنيجر عبدالحفيظ چنو کي رڪارڊ سميت ڪراچي گهرائي ورتو

نئون ڳوٺ (رپورٽ خورشيد لاڪير) سنڌ جي اوقاف، مذهبي معاملن، عشر زڪوات واري صوبائي سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر جو درگاه مخدوم /ڏسو صفحو 3 بقايا 38 سعدي موسائٽي تي بنا اطلاع جي اوچتو پهچڻ تي ملازمن ۾ ٽرٿلو پئجي ويو هن درگاه تي چادر چاڙهي دعا گهري ۽ زائرين سان سهولتن ۽ اوقاف جي ملازمن طرفان روين بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ان موقعي تي زائرين ۽ مقامي دڪاندارن شڪايتون ڪيون ته درگاه تي سهولتن جي اڻاٺ سبب سيورج جو پاڻي تلائن جي شڪل ۾ بيٺو آهي ناليون ابتيون وهن ٿيون ۽ واش رومن ۾ صفائي نه هجڻ برابر آهي جنهن سبب درگاه جي ڀرسان بدبوءِ ۽ گندگي جا ڍير لڳل آهن جڏهن ته اوقاف کاتي جي آفيس ۽ ڊسپينسري کي ڪيترائي سال ٿيا آهن جن کي اڃا تالو لڳل آهي ۽ اوقاف ميئنيجر رهي نه ٿو ڊاڪٽر سميت ايمبولينس به غائب آهي هنن فوري سهولتن جي گهر ڪئي اهڙيون شڪايتون ملڻ بعد سيڪريٽري اوقاف تعمير ٿيل ڊسپنسري ميئنيجر جي آفيس سميت مسافر خانن جو معائنو ڪري معلومات ورتي ان موقعي تي صحافين کي ٻڌايو ته درگاه تي اوچتو اچڻ جو مقصد هو ته جيئن درگاه جي مسئلن کي پنهنجي نظر سان ڏسي وٺان جي اطلاع ڪري اچان ها ته خامين جي خبر نه پوي ها ڪجھ ضروري شيون نوٽ ڪيون آهن انهن لاءِ اوقاف کاتي جي منسٽر سيد رياض شاه شيرازي کي رپورٽ ڪندس باقي ايمبولينس۔ ڊسپينسري ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ چيف ائڊمنسٽيٽر اوقاف حيدرآباد کي چوندس ته ترت ٽيم موڪلي زائرين جي سهولت لاءِ پيئڻ جو صاف پاڻي جي فراهمي وضوع ۽ واش رومن جي مرمت ۽ ٻين ضروري انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي اوقاف ميئنيجر کي لاڙڪاڻي جي به چارج آهي ان کي 4 ڏينهن سعدي موسائٽي تي رهڻ جو پابند ڪندس جيئن دڪاندارن سان گڏجاڻيون ڪري جيڪي اوقاف جي حد ۾ دڪان آهن انهن سان ڪرايا طي ڪري وصولي کي يقيني بڻائي جيئن هتان جا جائز مسئلا حل ٿي سگهن هن کان اڳ سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر اوقاف جي ملازمن سان الڳ گڏجاڻي ڪئي جنهن ۾ اوقاف جي حد اندر غيرقانوني قبضن سميت دڪاندارن ۽ ٺيڪدارن کان وصولين ۽ اوقاف جي پراپرٽين بابت پڇا ڳاڇا ڪئي جنهن تي اوقاف کاتي جي سپروائيزر فدا حسين لاڪير ڪيس ٻڌايو ته مقام 62 ايڪڙن تي مشتمل آهي جنهن تي گهر ۔ مسافر خانا ۽ سوين دڪان ٺهيل آهن صرف 70 دڪان رڪارڊ تي آهن جن ڏي بقايا وصولي لاءِ نوٽيس پڻ ڏنا آهن ۽ اوقاف کاتي جي حد ۾ جيڪي پراپرٽيون اچن ٿيون ان لاءِ ميئنيجر اوقاف ڊي سي دادو سان گڏجاڻي ڪري چڪو آهي جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته ڪاميٽي جوڙي دڪانن مسافر خانن سميت جيڪي به پراپرٽيون ماڻهن جي قبضن ۾ آهن انهن کي اعتماد ۾ وٺي اوقاف جي سسٽم ۾ آڻي انهن کان وصوليون ڪيون وينديون اهڙي آگاهي بعد سيڪريٽري اوقاف سعدي موسائٽي جي ميئنيجر عبدالحفيظ چنو کي رڪارڊ سميت ڪراچي گهرائي ورتو

بقايا 45

ڳولا باوجود هٿ نه اچي ويو.نصرت ڪينال جو سپورٽ واريون ديوارون زبون حال هجڻ سبب حادثو پيش آيو.ٻڏي فوت ٿيل نوجوان جي امڙ اطلاع تي واقعي هنڌ پهچي صدمي ۾ واه ۾ ٽپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته شهرين ۽ وارثن ڪيس بچائي ورتو جڏهن ته واقعي واري هنڌ ڪو به چونڊيل نمائندو توڙي ضلعي انتظاميه طرفان ڪامورو نه پهتو.ٻن ضلعن چار ضلعن کي ملائيندڙ نصرت ڪينال جي پل تي وارثن ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو پنج ڪلاڪ تائين ڌرڻو جاري رهيو جڏهن ته آخري اطلاعن تائين پورهيت جو لاش هٿ نه اچي سگهيو.تفصيل موجب پرياروڊ نصرت ڪينال سدواه ۾ ٻه پورهيت ٻڏي ويا هڪ جٽي ڏيشان عرف شيري ملڪ کي مقامي ترين بچائي ورتو جڏهن ته ڏيشان عرف ڪوڙل پٽو هٿ نه اچي سگهيو وارثن پاران ڳولا جاري ٻڏي ويل نوجوان جي وارثن حنيف پٽو حمزه پٽو جاويد پٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نصرت ڪينال پل روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو هنن چيو ته هن مهل تائين ڪو به چونڊيل نمائندو توڙي ضلعي انتظاميه نه پهتي آهي آبپاشي عملدارن جي نااهلي سبب پل جون ديواريون زبون حال هجڻ ڪري حادثه روز جو معمول بڻيل آهن ۽ پل ڪمزور هجڻ ڪري ديوارون ڪري پيون آهن آبپاشي عملدارن سميت ٻين کي لکيو آهي پر ڪير به تدارڪ ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جڏهن ته ڌرڻي سبب ٻنهي پاسن کان سوين گاڏيون بيهي ويون ٻڏي ويل نوجوان جي امڙ مسمات خيران اطلاع تي نصرت ڪينال پهتي جيڪا پٽ جي صدمي ۾ سدواه ۾ ٽپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته وارثن ۽ مقامي ماڻهن بچائي ورتو هنن وس وارن کي اپيل ڪندي چيو ته ٻڏي ويل نوجوان جي ڳولا ۾ مدد ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين ٻڏي ويل نوجوان هٿ نه اچي سگهيو

بقايا 46

جي ٻنهي روڊن جو نئين سر اڏاوت ڪانپوءِ افتتاح ڪري ڇڏيو. ڪونڙي محمد ڪبير ۾ الڪبير ڪاٽي تي ٿيل تقريب ۾ روڊس ڪاٽي نوشهروفيروز جا مڙئي آفيسر ٺيڪيدارن صحافين ۽ شهرين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي افتتاحي تقريب ۾ ڳالهائيندي سيد ابرار علي شاه چيو ته منهنجي ڪوشش هوندي آهي ته تڪ ۾ ترقياتي ڪمن سان گڏ روڊن رستن جو جار وڇايان. ڪافي ڳوٺن ڏانهن ويندڙ ڪچن رستن تي منهنجي ڪوٽا سان روڊ ٺهن ٿا پيا،اسان وڏڙن جي نقش قدم تي هلندي عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ وسان ن گهٽائيندا سين ،ان موقعي تي شهري اتحاد صدر ۽ صحافي مولابخش ٿيٻو ايم اين اي سان مخاطب ٿيندي شڪايت ڪئي ته خانواهڻ روڊ کي تعمير ٿئي صرف ٽي مهينا مس ٿيا آهن. ته ٽيهن کان مٿي هنڌن تان روڊ اکڙي ويو آهي، انهن کي ٻيهر چتيون هنيون ويون آهن. اهي چتيون ب اکڙي ويون آهن. جنهن تي ايم اين اي چيو ته غير معياري ڪم جي نشاندهي ڪرڻ تي اوهان جي مهرباني ،اهو عمل سراسر غلط آهي، مان غلط ڪم جي مذمت ڪيان ٿو ايئن ٿيڻ ن کپي ان سلسلي ۾ مان جاچ ڪرائيندس. ته ٺيڪيدار مطابق ڪم ڇون ڪيو ويو آهي، ان کان اڳ سيد ابرار علي شاه کي گلن جي پٽين سان شاندار استقبال ڪري افتتاحي تقريب ۾ آندو ويو. ٻئي پاسي ايڊوڪيٽ هاءِ ڪورٽ ڪامران جروار جي اوطاق تي سيد ابرار علي شاه چانڊ پارٽي ۾ پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 47

بقاياجات جي ادائيگين خلاف ڪاروائي دوران سيپڪو گاڏي جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل پيرسن عورت ڪراچي جي اسپتال ۾ فوت ٿي وئي، فوتي عورت جي وارثن انڊس هائي وي تي لاش رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، سيپڪو ڪامورن خلاف قتل ڪيس داخل ڪرائڻ جو مطالبو پوليس جو ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار، ڌرڻي سبب حيدرآباد، ڪراچي، لاڙڪاڻو سميت ٻين شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل:_ دادو پرسان ڳوٺ پريل زئونر ۾ سيپڪو پاران بقاياجات جي ادائيگين خلاف هڪ هفتو اڳ ڪاروائي دوران ڳوٺاڻن ۽ سيپڪو ڪامورن وچ ۾ ڇڪرين دوران سيپڪو جي گاڏي جي ٽڪر ۾ پيرسن عورت حضوران زال مهراب زئونر زخمي ٿي هئي زخمي عورت کي ڳنڀير حالت ۾ دادو کان ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو هو جيڪا رات دير سان زخمن جي ست نه سهندي فوت ٿي وئي، فوتي عورت جي وارثن دادو پرسان انڊس هائي وي تي لاش رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ۽ سيپڪو ڪامورن خلاف شديد نعري بازي ڪندي قتل ڪيس داخل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو حد جي پوليس پاران سيپڪو ڪامورن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو مسلسل 12 ڪلاڪن کان ڌرڻي سبب حيدرآباد، ڪراچي، لاڙڪاڻو سميت مختلف شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، 12 ڪلاڪن بعد ايس ايچ او بي سيڪشن مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڪين خاطري ڪرائي ته واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويندو اهڙي خاطري بعد وارثن ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو، آخري اطلاع تائين سيپڪو ڪامورن خلاف ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 48

مغل رات دير سان سکر جي ڪچي واري علائقن جو دورو ڪيو ڪچي ۾ قائم ڪيل پوليس پڪٽس جو جائزو ورتو ۽ مقرر پوليس عملدارن کان سيڪورٽي انتظامن بابت بريفنگ ورتي جنهن بعد ڊي ايس پيز کي ضروري هدايون ڏنيون ته ڪچي جي ڌاڙيلن خلاف ڪاروائيون ڪري امن امان جي بحالي لاءِ تڪڙا قدم کنيا وڃن ترجمان ايس ايس پي سکر موجب ڪچي ۾ ڌاڙيلن جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي داخلي ۽ خارجي رستن تي چيڪنگ وارو عمل جاري آهيايس ايس پي سکر اظهر خان مغل جو چوڻ آهي ته ڪچي ۾ ڌاڙيلن جي پناه گاهن ۽ ڌاڙيلن جي چرپر تي ڪڙي نظر رکڻ لاءِ اضافي پوليس پڪٽون ۽ نفري پڻ مقرر ڪئي وئي آهي ڪنهن کي به امن خراب ڪرڻ جي اجازت ناهي ڌوهارين کي بخش نه ڪيو ويندو انهن جي خاتمي لاءِ ممڪن قدم کنيا ويندا ضلعي ۾ امن ڪرائڻ تائين آپريشن جاري رهندوترجمان ايس ايس پي سکر موجب ايس ايس پي اظهر خان مغل رات دوري دوران پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن سان ملڻ ڪانپوءِ گڏجي رات جي ماني پڻ کاڌي

بلڙي شاهه ڪريم لڳ پرائمري اسڪول کي ڇهن سالن کان تالا، ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

اسڪول ڇهن سالن بند آهي چونڊيل نمائندن کي بار بار درخواستون ڏنيون آهن پر اجان تائين ڪو ڪڙتيل ناهي نڪتو: ڳوٺاڻا

ڳوٺ جا 250 معصوم ٻارڙا تعليم جهڙي زيور کان محروم آهن، ٻارڙا تعليم پرائڻ بدران چوپائي مال جو گاهه ڪري رهيا آهن

جلد اسڪول ۾ استاد مقرر نه ڪيو ويو ته احتجاج جي دائري کي وسيع ڪيو ويندو: ڳوٺ حاجي رمضان لاشاري واسي

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽ علي ڏنورند) بلڙي شاهه ڪريم /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

بلڙي شاهه ڪريم: فرنيچر جي کوٽ سبب ٻارپٽ تي تعليم پرائي رهيا آهن

هنگورجا ۾ دڪاندار جي موٽرسائيڪل
مسجد ٻاهران چوري

هنگورجا (رپورٽر) هنگورجا جي دوڪاندار جي موٽرسائيڪل /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽرن ۽ سماجي اڳواڻن جو
خيرپور ميرس جي تاريخ ماڳن جو دورو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ گولڊن فريندس گروپ ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

مزدور يونين ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي، هڙتال جو اعلان

ميونسپل آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي نڪتي، يونين اڳواڻ مولابخش شيخ ۽ ٻين اڳواڻ ڪئي

پگهارن مان 10 هزار تائين ڪٽيا پيا وڃن، رٽائرڊ ملازمن کي گريجوئٽي، ڊفرنس بل نه ملي رهيا آهن: يونين اڳواڻ

ماهوار 3 ڪروڙ جي بجيٽ هجڻ باوجود ملازمن کي وقت تي پگهارون نه ٿيون ادا ڪيون وڃن: مولابخش شيخ

نوشهرو فيروز (ڊ ر) مزدور يونين ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز جي ملازمن جو پگهارن مان ڪٽوتي، ويزا سسٽم، رٽائرڊ ملازمن /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

سجاول: پيرسن ڏيءَ جي بازيابي جي لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

سجاول ۾ پيرسن جو نياڻي جي بازيابي جي لاءِ احتجاج

برادري جي ماڻهن ڌيءَ زينب کي ٻه مهينا اڳ اغوا ڪيو هو: عزيز الله ٿهيم

ڌيءَ جو زبردستي نڪاح ڪرايو ويو آهي، نوٽيس وٺي تدارڪ ڪيو وڃي

سجاول (رپورٽر) پيرسن پيءُ جو ڌيءَ جي مبينا اغوا خلاف احتجاج. ان سلسلي ۾ سجاول ضلعي جي تعلقي شاهه بندر جي ڳوٺ ابراهيم ٿهيم جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

سکر ۾ اوجي ڊي سي ايل جي جديد گيم ڊيزائن ليب باضابطا افتتاح

هن اهم قدم سان نوان ٽئلينٽ سامهون ايندا: وي سي اروڙ يونيورسٽي

تقريب کي اوجي ڊي سي ايل جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

سکر (رپورٽ:عمرسومرو) اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر، ڊيزائن اينڊ هيريٽيج سکر ۾ اوجي ڊي سي ايل جديد گيم ڊيزائن ليب جو آغاز او /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

نيوسعيدآباد ۾ هيوي گاڏين جو شهر مان گذرڻ معمول، پيادل هلڻ به مسئلو، انتظاميا غائب

انتظامي نااهلي سبب ڪالي خان لنڪ روڊ کان وڏيون گاڏيون وچ شهر مان گذرڻ لڳيون، زندگيون خطري ۾

هيوي ٽرالرن ۽ ٽرڪن جو هر وقت وچ شهر مان گذرڻ سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا

ڊي سي، ايس ايس پي کي اپيل آهي ته هيوي گاڏين جو گذرڻ بند ڪرائي پريشاني ختم ڪئي وڃي: شهري

نيوسعيدآباد (رپورٽ: محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد بائي پاس کان شهر طرف ڪالي خان لنڪ روڊ کان هيوي لوڊر ٽرانسپورٽ جو شهر اندر داخل ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويو، ريلوي اسٽيشن تي واپاري مافيائن جا وڏا وڏا گدام هئڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

سنڌ هاڪي ايسوسيئشن جي سال
2025 لاءِ چونڊيل عهديدارن کي
مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو جاري

سجاول (رپورٽر) سنڌ هاڪي ايسوسيئشن جي سال 2025 لاءِ چونڊيل عهديدارن کي سجاول ۽ ٺٽي ضلعي جي هاڪي ايسوسيشن جي اڳوڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

سکر: اوجي ڊي سي ايل جديد گيم ڊيزائن ليب جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

سنڌ مسئلن جو شڪار آهي، حڪومت کي ڌيان ڏيڻ گهرجي: امير علي يوسف زئي

صفائي، پاڻي، روڊ رستا ۽ ڊرينيج جو سڄو نظام تباهه لڳو پيو آهي

عوامي مسئلن جي حل لاءِ هنگامي بنيادن تي ڪم ڪرڻو پوندو: صحافين سان ڳالهيون

پٽ شاهه (رپورٽر) هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي سي اي او محمد علي يوسف زئي پٽ شاهه ۾ هيومن /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

سجاول ۾ پوليس مقابلا، 3 جوابدار گرفتار، هٿيار هٿ

نندي گونگڙي وٽ جوابدار عبدالحفيظ رند زخمي حالت ۾ گرفتار

ڏڙو ٻيلو روڊ تي گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ ياسين ۽ طيب جت طور ٿي

سجاول (رپورٽر) سجاول پوليس پاران چوهڙ جمالي روڊ تي نندي گونگڙي ويجهو پوليس مقابلي ۾ هڪ جوابدار عبدالحفيظ رند کي زخمي /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

دادو ۾ 08ع جي چونڊن دوران شهيد ٿيل شاگرد شاهجهان قريشي جي ورسي ملهائي وئي

شاهجهان جيئي ڀٽو جو نعرو هڻڻ تان شهادت جو جام پيتو: خليل عارف

پيپلزپارٽي 17 سالن کان اقتدار ۾ هوندي شهيدن جي سار نه لڌي آهي

دادو (ڊ ر) دادو ۾ 2008 جي اليڪشن دوران جيئي ڀٽو جو نعرو هڻڻ تان شهيد ٿيل پنجين ڪلاس جي شاگرد شهيد شاهجهان قريشي ۽ شهيد /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

نوشهروفيروز: ميونسپل ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ نئون ديرو واسي عورتن جو پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

پوليس بنا جواز چڙهائي ڪري پوڙهي، ڌي ۽ ڌهتين کي کڻي وئي آهي: حضوران ڪوکر

اهلڪار ٻه مينهون، ٽي موٽرسائيڪلون پڻ کڻي ويا، اختياريون نوٽيس وٺي انصاف ڪن: مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ نئون ديرو شهر جي غريب آباد پاڙي جي رهواسي عورتن طرفان پاڪ ڪتاب کڻي پنهنجي معصوم ٻارڙن /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

نيوسعيد آباد ۾ ايل پي جي جو ڪاروبار جاري، ڪارروايون بي اثر

دڪاندارن پاران لڪ ڇپ ۾ ايل پي جي گئس جو ڪاروبار جاري، سڃاڻ ڌرين ۾ ڳڻتي

غير قانوني طور ايل پي جي گئس جو ڪاروبار بند ڪرايو وڃي: شهرين جو مطالبو

نيوسعيدآباد (رپورٽ: محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد شهر ۽ بائي پاس جي دڪانن تي ايل پي جي گئس جو غيرقانوني طور ڪاروبار بند نه ٿي /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

گهگهر ڦاٽڪ ڀرسان موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ شهري زخمي

فلڪ ناز سوسائٽي ۾ تيز رفتار موٽرسائيڪل فضل قريشي زخمي

موٽرسائيڪلن جي ريس سبب روڊ حادثا وڌي ويا آهن: شهرين جي دانهن

ملير (ڊ ر) رزاق آباد ڊگري بوائز ڪاليج جي سپريڊنٽ فضل قريشي پنهنجي پٽ فيضان قريشي سان گڏ اربع ڏينهن جي رات 10 بجي اسٽيل ٽائون جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

لڪي جي ڀرپاسي ۾ بدامني، ڪار سوارن کان ڦر

ڌوهارين فيضو. رستم لنڪ تي ڪار سوارن کي روڪي يرغمال بڻايو

ڌوهاري يرغمالين کان موبائل فونز، هزارين رپيا روڪ ڦر ڪري فرار ٿي ويا

لڪي غلام شاهه (رپورٽ گوگي رام) رستم ٽاڻي جي حد فيضو رستم لنڪ روڊ صفدر پوليس پڪٽ ڀرسان نامعلوم هٿيار بند سکر کان ڪنڌڪوٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

شهدادپور ۾ جي يو آءِ پاران سماجي برائين خلاف ريلي، ڊي ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو

امير ضلع مولانا شعيب حسين عباسي جي اڳواڻي ۾ ريلي پڻ نڪتي، پوليس خلاف نعريبازي

سنڌ اندر لاقانونيت جو راڄ لڳو پيو آهي سسٽم ذريعي ڌوهارين حوالي ٿاڻا ڪيا ويا آهن: مولانا شعيب

ڌوهن سماجي برائين تي ڪنٽرول نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين: مولانا ابوبڪر عباسي

شهدادپور (رپورٽ: رئوف جان باگراڻي). جمعيت علماءِ اسلام شهدادپور جي طرفان سماجي برائين ڦر چوري ڌاڙن بدامني خلاف شهدادپور پريس ڪلب ۽ ڊي ايس پي آفيس آڏو احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. ان /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ۽ صادق فائونڊيشن
ڪاهي ممن پاران اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي

نوشهروفيروز (ڊ ر) يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ۽ صادق فائونڊيشن ڪاهي ممن پاران ٽن ڏينهن واري اکين جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

وفاقي سيڪريٽري تعليم، سنڌ جي تعليم
کاتي کان فنڊ خرچن جا تفصيل گهري ورتا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) وفاقي سيڪريٽري تعليم محي /ڏسو صفحو 2 بقايا 35

سجاول: مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيل ڌوهارين کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

نئين ديري لڳ ٽي ڌاڙا اڳ جهيڙي ۾ زخمي ٿيل پيرسن فوت

62 ورهين جي رٽائرڊ ماستر هادي حسين جکرو زخمن جا سور نه سهندي لاڙڪاڻي جي ٽراما سينٽر ۾ دم ڏنو

پيرسن جو مڙهه ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، لاش گهر آڻڻ تي ڪهرام مچي ويو

پاءُ جي قتل جو ڪيس داخل ڪري قاتلن ۽ پوليس خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي: نور احمد جکرو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) نئون ديرو ڀرسان ڳوٺ ڀرچوند ۾ ٽي ڏينهن اڳ نلڪي جي مشين پٽڻ واري ڳالهه تان جهيڙي ۾ زخمي ٿيل 62 ورهين /ڏسو صفحو 2 بقايا 36

ڪنڌڪوٽ پوليس پورهيت کي بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام

پاڪ ڪتاب جي صدقي پٽ کي بازياب ڪرايو وڃي: والد جي اپيل

غريب آهيون، اسان وٽ ڀنگ ادا ڪرڻ جي سگهه ناهي: مغوي جا وارث

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 37

يوسي ملدسي جي استاد سائين
شيرمحمد لاکو جي رٽائر ٿيڻ تي
الوداعي تقريب ڪوٺائي وئي، ڀيٽا پيش

شهدادپور (رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ويجهو گورنمينٽ پرائمري اسڪول سونچڙي پڙو ۾ اسڪول جي هيڊ ماستر سر عبدالڪريم /ڏسو صفحو 2 بقايا 39


ڪنڌڪوٽ: اغوا ٿيل پورهيت، ٻي پاسي والد پاڪ ڪتاب کڻي ٻاڏائي رهيو آهي

سنڌ حڪومت امن امان تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي: محمد يوسف

بدامني خلاف 16 فيبروري تي شڪارپور ۾ هر صورت ۾ ڌرڻو هنيو ويندو

طاقت جو زور استعمال ڪيو ويو ته سخت رد عمل ايندو: جماعت اسلامي اڳواڻ

جيڪب آباد (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل /ڏسو صفحو 2 بقايا 38

نادرا سينٽر سکر ۾ ٿليسيميا اسڪريننگ ڊيسڪ جو افتتاح، ڪم شروع

ٿليسيميا اسڪريننگ ڊيسڪ قائم ڪرڻ جو مقصد عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ آهي: ڪمشنر

ڊيسڪ صحت واري شعبي ۾ گورنمينٽ ادارن ۽ صحت تنظيمن ۾ سهڪار کي مضبوط ڪندي: ڊي جي نادرا

ٿليسيميا اسڪريننگ ڊيسڪ سنڌ جي صحت واري شعبي لاءِ هڪ اهم قدم آهي: تقريب کي خطاب

سکر (رپورٽ:شڪيل عاجز) نادرا سينٽر سکر ۾ ٿليسيميا اسڪريننگ ڊيسڪ جو افتتاح، سنڌ بلڊ ٽرانسفيوشن اٿارٽي ۽ نادرا جي سهڪار سان /ڏسو صفحو 2 بقايا 40

عالمي روحاني تحريڪ انجمن سرفروشان اسلام
پاران لال قلندر شهباز جي عرس جي حوالي
سان ذڪر الله جي محفل منعقد

دادو (ڊ ر) عالمي روحاني تحريڪ انجمن سرفروشان اسلام دادو پاران سالاڻ عرس مبارڪ حضرت لال قلندر شهباز جي سلسلي ۾ ذڪر الله جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

جيڪب آباد: جماعت اسلامي اڳواڻ محمد يوسف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ناريجن هٿان نوجوان کي مارڻ وارو معاملو، منٿ ميڙ قافلو رندن وٽ پهتو، مقتول ڌر فيصلي لاءِ راضي

منٿ ميڙ قافلو سماجي اڳواڻ رئيس غلام قادرچانڊيو جي اڳواڻي ۾ مارجي ويل مقتول ڪوڙو خان رند جي تڏي پهچي ويو

ناريجا برادري کان غلط فهمي سبب نوجوان ڪوڙو خان رند قتل ٿيو، ڪنهن وٽ به فيصلو رکيو وڃي: منٿ ميڙ قافلو

رندن هميشه تڏي تي ڪهي ايندڙن کي عزت ڏني آهي، مشاورت کان پوءِ فيصلي جي تاريخ ڏينداسين: رند برادري

خيرپور (ڊ ر) 12 ڏينهن اڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

مراد ڳوٺ ۾ راندين جو ڏهاڙو ملهايو ويو، دلچسپ مقابلا، انعام تقسيم

راندين جا ايونٽ ڪرائڻ سان ٽئلينٽ نکري ٿو: قمرجان بلوچ

صحتمند زندگي لاءِ رانديون ضروري آهن: رفعه جاويد ملاح ۽ ٻين جو خطاب

ملير (ڊ ر) ڪراچي ملير آزاد اليون فٽبال اسٽيڊيم مراد ميمڻ ڳوٺ ۾ انفوانگلش گرامر هائر سيڪنڊري اسڪول طرفان راندين جو ڏهاڙو /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

خيرپور ۾ پي ٽي آءِ پاران عام چونڊن
۾ ڌانڌلي خلاف ريلي ڪڍي وئي

خيرپور (ڊ ر) پي ٽي آءِ ضلعي خيرپور جي صدر جميل لنڊ ۽ جنرل سيڪريٽري نور حسن /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

فتح پور ۾ اڳوٽي سجاده نشين سيد
قاسم علي شاهه موسوي جي ايصال
ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ويجهو فتح پور ۾ درگاهه حضرت سيد گل شاهه غازي موسوي تي سيد شفقت شاهه موسوي پاران اڳوٽي سجاده نشين سيد قاسم /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

اسٽيل ٽائون پوليس پاران 4 ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گلشن حديد ۽ گهگهر ڦاٽڪ وٽ پوليس ۽ ڌوهارين ۾ الڳ الڳ مقابلو ٿي پيو

ڌوهارين وٽان پسٽل، موٽرسائيڪلون ۽ رقم هٿ ڪئي وئي آهي: ايس ايس پي

ملير (ڊ ر) اسٽيل ٽائون پوليس ڊار ڊار پوليس مقابلن ۾ 4 جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي ايس ايس پي ملير /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

هالاڻي ۾ منشيات جي وڪري ۽ بدامني خلاف سياسي سماجي تنظيمن جي ريلي

ريلي ۾ جسقم، جساف، راڄوڻي اتحاد، هائيڊر يونين، ساس، وڪيلن ۽ شهرين جي شرڪت

ڌوهي وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن، منشيات جو به بنا روڪ ٽوڪ جي وڪرو جاري آهي: ناياب شاهه

ٿيل ڌوهه واپس ڪرائي وڌندڙ منشيات جي واهپي کي بند ڪرائي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي: شفقت سهتو

هالاڻي (رپورٽ اقبال گاڏهي) هالاڻيءَ ۾ وڌندڙ بدامنيءَ شهر ۾ سرعام منشيات وڪرو ٿيڻ تي ايس ايچ او هالاڻيءَ خلاف آل پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

واهي پانڌي جي خانگي اسڪول ۾ سائنسي ميلو

شاگردن طرفان مختلف سائنسي پروجيڪٽ ماڊل تيار ڪري اسٽال لڳايا ويا

تدريس سان گڏ غير نصابي سرگرمين کي اولين ترجيح آهي: رئوف رستماڻي

واهي پانڌي (رپورٽر) واهي پانڌي ۾ نجي اسڪول پاران شاگردن جي سکيا لاءِ سائنسي ميلو لڳايو ويو مهراڻ ايليمينٽري اسڪول واهي پانڌي پاران /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

عام چونڊن ۾ ڌانڌلين خلاف خيرپور
۾ جي ڊي اي پاران احتجاجي ريلي

خيرپور (ڊر) جي ڊي اي ضلعي خيرپور پاران مسلم ليگ هائوس لقمان کان پريس ڪلب خيرپور تائين سوين ڪارڪنن ٻانهن تي / ڏسو صفحو 2 بقايا 15

محمود صديقي ٿوري عرصي ۾ وڏي شهريت ماڻي: سکر ۾ تقريب

سکر (بيورو رپورٽ) سکر آرٽس ڪائونسل ڊراما شعبي جي طرفان اردو سنڌي ڊرامن جي ناميارا اداڪار محمود صديقيءَ جي ياد ۾ تقريب سينگار علي سليم آڊيٽوريم هال ۾ ڪوٺائي وئي. ان پروگرام جي صدارت ناليواري /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

پير منا سائين جو ٻه روزه 62 هون عرس جون تقريبون جاري، پنجاب، بلوچستان ۽ ڪي پي مان عقيدتمند پهتل

قلب جي ڪٽ ميراڻ قلبي ذڪر الله، الله ڪرڻ سان متجي وڃي ٿي: محمد معصوم نقشبندي

صحابه ڪرام ۽ اهلبيت پاڪ جي محبت اصل ايمان آهي، الله تعالي جي رضا ۽ خوشنودي طلب ڪندڙ ڪڏهن به بي ادبي نٿو ڪري سگهي

باري تعالي جي بارگاهه ۾ نياز نوڙت عاجزي انڪساري ڪريو انشا الله عزوجل ٻنهي جهانن جون مهربانيون عنايت نصيب ٿينديون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ناليواري مشهور صوفي بزرگ حضرت پير منا سائين رح جي ٻه روز 62 هين ساليانو عرس مبارڪ جون تقريبون پنهنجي پڄاڻي تي پهتيون، سنڌ، پنجاب، بلوچستان، خيبر پختونخوا مان هزارين /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

لاڙڪاڻو: صوفي بزرگ پير منا سائين جي عرس مبارڪ جو ڏيک، ٻي پاسي علماءِ ڪرام تقريب ۾ شريڪ آهي

ابراهيم حيدري ٽائون چيئرمين پاران ترقياتي ڪمن جو دورو، جائزو ورتو

ڪلڪ جي آفيسرن پاران ٽائون چيئرمين کي ترقياتي اسڪيمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ڪم جي ڪوالٽي ۽ معيار کي بهتر بڻايو وڃي: نظير احمد ڀٽو

ملير (ڊ ر) ابراهيم حيدري ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي چيئرمين نظير احمد ڀٽو عالمي بئنڪ ۽ ڪلڪ جي سهڪار سان نئين تعمير ٿيندڙ /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

جمال شاهه ڀرسان رٽائر ٿيل استادن جي مان ۾ تقريب، ڀيٽا پيش

بوائز اليمينٽري اسڪول ايم صالح خاصخيلي جي هيڊ ماستر تقريب ڪوٺائي

ساٿي استادن پاران استاد ايم امين سومرو ۽ غلام شبير عرف شبن ڪوکر جي واکاڻ

جمال شاهه : (رپورٽ احسان علي جمالي) جمال شاهه ڀرسان گورنمينٽ بوائز اليمينٽري اسڪول محمد صالح خاصخيلي جي هيڊ ماستر /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

سکر پوليس جا ڇاپا، 4 جواري گرفتار، رقم ۽ تاس هٿ

ايس ايڇ او نئون ٽاڻو جي اڳواڻي ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي

جوابدارن خلاف جووا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي: پوليس

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل جي هدايتن تي سکر پوليس جون سماجي برائين خلاف ڪاروائيون جاري ترجمان ايس ايس پي /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

سکر: پوليس پاران گرفتار ڪيل جواري ۽ هٿ ڪيل تاس ۽ پئسا

سبزي منڊي لاءِ 40 ايڪڙ زمين مختص ڪئي آهي: جميل سومرو

ٻن اڍائي سالن جي عرصي ۾ منڊي لاڙڪاڻي شهر کان ٻاهر منتقل ٿي ويندي

منڊي جي جاءِ تي گرلز هائر سيڪنڊري اسڪول تعمير ڪرايو ويندو: پريس ڪانفرنس

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي پوليٽيڪل سيڪريٽري ايم پي اي لاڙڪاڻو جميل احمد سومرو لاڙڪاڻو /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

ڪنڌڪوٽ ۾ شهري کان موٽرسائيڪل ڦر، مزاحمت تي زخمي

انڊس هاءِ وي تي ڌوهارين نظر محمد گولي کان گاڏي پڻ ڦري

زخمي جي صحت ۾ سڌارو نه اچڻ سبب سکر منتقل ڪيو ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ ضلعي ڌوهارين جي ور چڙهيل، انڊس هاءِ وي تي موٽرسائيڪل موبائل فون ڦر، مزاحمت تي /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

قاضي جمال الدين ۽ رحمن گل فراڊ ڪيو آهي: حيدرآباد واسڻ

ٻنهي ڄڻن درخواست ۾ سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائي ڏيڻ بهاني آگوٺا ورتا: نسيم

درخواست سان تعلق ناهي، مولانا علي احمد تي ڪو به الزام ناهي مڙهيو: پريس ڪانفرنس

حيدرآباد(بيورو) حيدرآباد جي علائقي جي او آر ڪالوني جي رهواسڻ پيرسن عورت بيواهه نسيم ڪال حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

پسند پرڻي ڪان پوءِ عزيز جاني دشمن ٿي پيا آهن: ٽنڊوالهيار واسي

سيما سان خوش آهيان، زبردستي سئوٽ سنيا سان شادي ڪرائي وئي آهي

اسان ٻنهي جي زندگي کي خطرو آهي، تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي: پريس ڪانفرنس

حيدرآباد(بيورو) ٽنڊوالهيار جي رهواسي پسند پرڻو ڪندڙ قادربخش درس ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ زال سيما ڌي غلام سرور شيخ سان گڏ /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

ڪيواءِ ٽي جي پيادل مارچ جو سفر جاري، مختلف هنڌن تي شاندار آجيان، اڄ ميرپور خاص پهچندو

ڪئنالن سميت ڪو به سنڌ دشمن منصوبو قبول نه ڪنداسين: مظهر راهوجو

ميرواهه گورچاڻي کان نڪتل مارچ جو جيمس آباد موڙ، گدو روڊ، ٻيلهاڙو شاخ، بابو ڳوٺ ۾ شاندار استقبال

مارچ اڄ ميرپور خاص پريس ڪلب پهچندو، جتي ڪيواءِ ٽي سربراهه اياز لطيف پليجو پڻ خطاب ڪندو

ميرپور خاص (بيورو رپورٽ) چولستان سميت 6 ڪئنال ڪڍي سنڌو درياهه تي ڌاڙي، ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ گرين پاڪستان جي نالي ۾ سنڌ کي /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

اسپورٽس سرگرميون جسماني صحتمندي لاءِ ضروري آهن: مريد حسين ڪڪراڻي

راندين شاگردياڻين جي ذهني سڪون ۽ ضبط نفس کي به بهتر ڪن ٿيون

ڪوشش آهي ته لاڙڪاڻو ريجن جي شاگرديانين لاءِ وڌيڪ اهڙا موقعا پيدا ڪجن

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ رينجل ڊائريڪٽر ايسٽيوٽا لاڙڪاڻو مريد حسين ڪڪراڻي جي نگراني ۾ مختلف راندين جو پروگرام /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

جمال شاهه: رٽائر ٿيل استاد کي الوداعي تقريب ۾ گلن جا هار پارايا پيا وڃن

جماعت اسلامي پاران 8 فيبروري
2024ع جي عام چونڊن ۾ ڌانڌلين
خلاف سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) مرڪزي امير حافظ نعيم الرحمٰن /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

ڊپٽي ڪمشنر ملير پاران علائقن جو دورو، پوليو انتظامن جو معائنو

پوليو جي خاتمي جي لاءِ اسان جي جنگ جاري رهندي: سليم الله اوڊو

مهم ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ٿيڻ گهرجي: ڊپٽي ڪمشنر

ملير (ڊر) ڊي سي ملير مختلف علائقن ۾ جو دورو ڪري پوليو مهم جي حوالي سان انتظامن جو جائزو دوري دوران ڊي سي ملير ٻارڙن کي پوليو /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

ڀريا روڊ لڳ سدا واهه ۾ موٽرسائيڪل سوار ڪري پيا، هڪ ٻڏي فوت، ٻئي کي بچايو ويو

ٻڏي فوت ٿيل نوجوان جي امڙ پاران صدمي ۾ واهه ۾ ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش

واقعي واري هنڌ ڪو به چونڊيل نمائندو توڙي ضلعي انتظاميه طرفان ڪامورو نه پهتو

نصرت ڪينال جي پل تي وارث ٽائرن کي ٻاهيون ڏئي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، نعريبازي

ڳولا باوجود نوجوان ذيشان عرف ڪوڙل ڀٽو لاش ناهي مليو، ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي: حنيف ڀٽو

ڀرياسٽي (رپورٽر) ڀرياروڊ ڀرسان نصرت ڪينال سدواهه ۾ موٽرسائيڪل سوار ٻه پورهيت موٽرسائيڪل سميت اتفاقي ڪري ٻڏي ويا هڪ ڄڻي کي مقامي ٽوٻن زنده بچائي ورتو جڏهن ته هڪ ڄڻو ٻڏي جنهن جي 12 ڪلاڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

پاڻين جي ساهرن جيئڻ حرام ڪيو
آهي، تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو
وڃي: مير حسن ڪلهوڙي جي دانهن

حيدرآباد (بيورو) ڪوٽڙي سائٽ جي سچل سرمست ڪالوني جي رهواسي مير حسن ڪلهوڙو پنهنجي معذور نياڻين سان گڏ ڪالهه حيدرآباد /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

ملير ۾ واٽر سپلائي ٽينڪ ۾ ڪتو ڪري پيو، انتظاميا پاران صفائي ڪرائي وئي

ميڊيا ۾ خبرون اچڻ کان پوءِ گڏاپ ٽائون جي انتظاميا واقعي واري هنڌ پهچي وئي

عوامي پريس ڪلب ملير هميشه مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي: شهري

ملير(ڊ ر) گڏاپ ٽائون ضلعي ملير جي علائقي اولڊ ٿاڻي جي واٽر سپلائي ٽينڪ ۾ انتظاميا جي غفلت سبب ڪتو ڪري پيو ڪتي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

لڪي غلام شاهه ۾ پ پ شهيد ڀٽو جو اجلاس، 20 فيبروري واري ڌرڻي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ صلاح مشورا

اجلاس جي صدارت عنايت عمراڻي ڪئي، سيد اسلم شاهه، دلمراد جتوئي، برڪت مير جت، عيدن جتوئي ۽ ٻين جي شرڪت

سکر ۾ ويهه فيبروري تي ذوالفقار جونيئر جي اڳواڻي ۾ لڳندڙ ڌرڻي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ صلاح مشورا ڪيا ويا

سنڌوءَ درياهه جي بقا لاءِ سکر ۾ لڳندڙ ڌرڻو تاريخي هوندو، عوام ڀرپور نموني شرڪت ڪري: عنايت عمراڻي

لڪي غلام شاهه (رپورٽ: گوگي رام) لڪي غلام شاهه ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو ضلع شڪارپور جو اجلاس ڀتا هائوس مرڪزي اڳواڻ عنايت علي عمراڻي جي صدارت /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

لڪي غلام شاهه: پ پ شهيد ڀٽو جي اڳواڻ عنايت عمراڻي جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر_آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري ورهائي وئي